اطلاعات کاتو
حکومتِ سنڌ

ماهوار

# پيغام

کراچي

سيپٽمبر-2026ع



## سنڌ ڌرتي جو ورهاڱو نامنظور



صدر پاڪستان آصف علي زرداري ايوانِ صدر ۾ چائنہ هاربر انجنيئرنگ ڪمپني طرفان ڪيٽي بندر جي تجويز ڪيل تعمير ۽ ترقيءَ متعلق بريفنگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.



صدر پاڪستان آصف علي زرداري ملائيشيا جي گهرو وزير داتوڪ سيري سيف الدين ناسوشن بن اسماعيل جي اڳواڻيءَ ۾ آيل وفد سان گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي ڳالهہ ڪري رهيو آهي.




اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

جلد 58، شمارو 02، سيپٽمبر 2026ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
سينئر وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**ڪاشف گلزار شيخ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
...
**ڊاڪٽر معيزالدين پيرزاده**
ڊائريڪٽر جنرل، پبلڪ رليشنز

چيف ايڊيٽر
**غلام سرور سميجو**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن
...
**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر پبليڪيشن

ايڊيٽر
**فاروق ممتاز راڄپر**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**علي حسن چانڊيو**

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر
**تحسين گل پنهور**

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي | ايڊيٽوريل | 2 |
| سنڌ ڌرتيءَ جو ورهاڱو نامنظور | مقصود علي گلال | 3 |
| سنڌ جي وحدت ۽ صوبائي اسيمبليءَ جو تاريخي ٺهراءُ | انيس احمد | 7 |
| سنڌ اسيمبلي جمهوري روايتن جي امين | اطهر الدين | 9 |
| 6سيپٽمبر ـ عظيم قربانين، اتحاد ۽ قومي ذميواري جو پيغام | شهزاد علي | 12 |
| سنڌ ۾ ڊجيٽل طبي رڪارڊ متعارف ڪرائڻ جو منصوبو | راشد علي | 15 |
| مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌ اندر سرڪاري پرتين ۽ امتحاني نظام ۾ نئين دور جي شروعات | ياسر خاصخيلي | 18 |
| سنڌ ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن ۽ فائونڊيشنل لرننگ ڏانهن اڳڀرائي | محمد اسماعيل | 21 |
| دل جي بيمارين جي علاج لاءِ سنڌ حڪومت جو هڪ ٻيو اهم قدم | سعيد الرحمان | 24 |
| جانورن جي صحت جو جديد مرڪز | رضا محمد | 27 |
| سيفي اسپتال ۾ دل جي بيمارين جي علاج جو مرڪز | واحد جج | 24 |
| نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان در کولڻ لاءِ موثر پليٽفارم | زوهيب علي | 36 |
| ريسڪيو 1122 سنڌ: هر وقت حفاظت ۽ فوري مدد جي خاطري | هاديه مصطفي خان | 40 |
| شاعري | | 43 |
| سنڌي ٿيئٽر جي بحاليءَ ڏانهن هڪ اهم قدم | مرڪ عزيز پيٽو | 45 |
| انڊس ڊيلٽا سنڌ جي ماحولياتي مستقبل جو قدرتي محافظ | ايوب غمدل | 48 |
| جمشيد نسروانجي: جديد ڪراچيءَ جو معمار | بهادر سيال | 51 |
| ايم ايڇ پنهور: سنڌ جو عظيم زرعي سائنسدان | رياض شاهد دايو | 54 |
| قلندراڻي لغارين جا قديم تاريخي مقبرا | امين جويو | 58 |

رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ،**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4-B، ڪراچي. 74200
Ph: 021-99202610

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

ايڊيٽوريل

# سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي

سنڌ رڳو نقشي تي ٺهيل هڪ انتظامي وحدت جو نالو ناهي، پر اها هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ٻولي، ثقافت، محبت، رواداري ۽ گڏيل قومي شعور جو نالو آهي. سنڌوءَ جي وهڪري سان گڏ وجود ۾ آيل هي ڌرتي موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين پنهنجي منفرد سڃاڻپ ۽ وحدت برقرار رکندي آئي آهي. سنڌ جي وحدت تي وقت بوقت مختلف رخن کان سوال اٿاريا ويا، پر سنڌ جي عوام هر دور ۾ پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي وحدت جو دفاع ڪيو آهي.

سنڌ اسيمبلي پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف منظور ڪيل تاريخي قرارداد پڻ انهيءَ گڏيل قومي شعور ۽ عوامي خواهش جو اهم اظهار آهي. هي قرارداد رڳو هڪ سياسي دستاويز نه، پر سنڌ جي وحدت، تاريخي حيثيت ۽ عوامي امنگن جي ترجماني ڪندڙ هڪ اهم تاريخي دستاويز آهي. سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ سنڌ جي وحدت بابت ڪيل بحث ۽ قرارداد مان اهو واضح ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڌرتيءَ کي ڪنهن به مصنوعي ورهاڱي ذريعي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي سوچ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ عوامي خواهشن سان مطابقت نٿي رکي. سنڌ جي ماڻهن لاءِ سنڌ جي وحدت هڪ جذباتي نعرو ئي نه، پر سندن اجتماعي سڃاڻپ جو بنياد آهي.

اسان جي نظر ۾ سنڌ جي وحدت جو تحفظ ڪنهن هڪ سياسي جماعت يا گروهه جو مسئلو ناهي. هي سموري سنڌ جي ماڻهن جو گڏيل معاملو آهي. سنڌ جي مختلف ٻولين، برادرين، علائقن ۽ ثقافتي رنگن جي باوجود سنڌ صدين کان هڪ گڏيل سماجي ۽ تهذيبي وحدت طور موجود رهي آهي. سنڌ جي اصل طاقت ئي ان جي گهڻ رخي ثقافتي سڃاڻپ ۽ رواداريءَ ۾ آهي.

سنڌ جي تاريخ اسان کي سيکاري ٿي ته اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي، پر اختلافن کي بنياد ٺاهي ڌرتيءَ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ ڪنهن به صورت ۾ دانشمندي ناهي. سياسي اختلافن جو حل ڳالهه ٻولهه، آئيني ۽ جمهوري طريقن سان ئي ممڪن آهي. سنڌ جي وسيلن، ترقي، روزگار، تعليم، صحت، پاڻي ۽ ٻين مسئلن تي گڏجي ڪم ڪرڻ ئي وقت جي اهم ضرورت آهي. اڄ جڏهن دنيا جا معاشرا ترقي، علم، ٽيڪنالاجي ۽ معاشي خوشحالي ڏانهن وڌي رهيا آهن، تڏهن اسان کي به پنهنجي توانائي ورهاڱي جي بحثن بدران سنڌ جي تعمير ۽ ترقي تي خرچ ڪرڻ گهرجي. مضبوط سنڌ اها هوندي، جتي هر شهريءَ کي برابر حق، عزت، تحفظ ۽ ترقي جا موقعا حاصل هجن، جتي سنڌي، اردو ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو هڪ ٻئي کي سنڌ جي گڏيل سماجي وجود جو حصو سمجهن. سنڌ جي وحدت جو مطلب ڪنهن سان نفرت يا ڪنهن کي ڌار ڪرڻ نه آهي. ان جو مطلب آهي پنهنجي تاريخ، ڌرتي ۽ گڏيل سڃاڻپ سان وفاداري ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هر شهري لاءِ برابري، امن، ڀائيچارو ۽ انصاف.

سنڌ اسيمبلي جي تاريخي قرارداد کي به انهيءَ وسيع تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. هيءَ قرارداد سنڌ جي وحدت بابت هڪ آئيني ۽ جمهوري موقف جو اظهار آهي، جيڪو سنڌ جي عوام جي تاريخي شعور ۽ امنگن کي اجاگر ڪري ٿو. اسان جو يقين آهي ته سنڌ جي طاقت ان جي وحدت، رواداري ۽ محبت ۾ آهي. سنڌ کي ورهائڻ بدران سنڌ جي ماڻهن جي دلين کي ويجهو آڻڻ جي ضرورت آهي. سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ بدران تعليم، صحت، روزگار، صنعت، زراعت، ثقافت ۽ جديد انفرااسٽرڪچر جي ذريعي مضبوط ڪرڻ گهرجي.

”سنڌ هڪ هئي، سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ هميشه هڪ رهندي“

هي رڳو لفظ ناهن، هي سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ، سنڌوءَ جي وهڪري، موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ هن ڌرتيءَ سان جڙيل ماڻهن جي گڏيل احساسن جو اظهار آهي.

**غلام سرور سميجو**
چيف ايڊيٽر
ماهوار ”پيغام“ ڪراچي

مقصود علي گلال

# سنڌ ڌرتيءَ جو ورهاڱو نامنظور




سنڌ جي ورهاڱي جو سوال جڏهن بہ سياسي بحث ۾ اڀري ٿو تہ اهو رڳو انتظامي حدن جي تبديليءَ جو سوال نہ رهندو آهي، پر سنڌ جي ماڻهن لاءِ سندن تاريخ، سڃاڻپ، ثقافت، ڌرتي ۽ اجتماعي وجود سان ڳنڍيل هڪ انتهائي حساس معاملو بڻجي ويندو آهي. سنڌ واسين لاءِ پنهنجي ڌرتي ڪو عام انتظامي نقشو نہ، پر نسلن کان منتقل ٿيندڙ هڪ مقدس امانت جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ ڪري سنڌ جي وحدت بابت جذبات کي سمجهڻ لاءِ رڳو موجوده سياسي بيانن کي ڏسڻ ڪافي ناهي؛ ان جي تاريخ، آئيني حيثيت، سماجي جوڙجڪ ۽ گذريل سالن جي ترقيءَ کي گڏجي ڏسڻو پوندو.

سيپٽمبر 2026ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٿيل بحث ۽ صوبي جي جاگرافيائي وحدت بابت منظور ٿيل ٺهراءُ ان ئي ڊگهي تاريخي شعور جو تازو اظهار آهي. سنڌ اسيمبليءَ جي سرڪاري ڪارروائي موجب پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر، ايم پي اي نثار احمد کهڙي طرفان پيش ڪيل التوا جي رِٿ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي اڪائين جي قيام بابت پيدا ٿيل بحث کي ايوان جي آئيني فورم تي آندو ويو، خاص ڪري انهن تجويزن جي حوالي سان، جيڪي سنڌ جي موجوده جاگرافيائي حدن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿيون.

سنڌ اسيمبليءَ جو تازو فيصلو اوچتو پيدا ٿيل سياسي ردعمل نہ آهي. اسيمبليءَ جي سرڪاري دستاويزن ۾ سنڌ جي ورهاست خلاف 1948ع، 2014ع، 2019ع ۽ 2026ع جا ٺهراءَ موجود آهن، جڏهن تہ فيبروري 2026ع واري ٺهراءَ ۾ واضح لفظن ۾ چيو ويو تہ سنڌ کي ٽوڙڻ، ان جي سرزمين جا ٽڪرا ڪرڻ يا ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڪا بہ ڪوشش تاريخ، آئيني روح، جمهوري اصولن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي جذباتي فطري احساسن جي ابتڙ هوندي. ان ٺهراءَ ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ جو اڻٽٽ حصو قرار ڏيندي سنڌ جي وحدت، جاگرافيائي سالميت ۽ تاريخي سڃاڻپ کي وڏن کان مليل مقدس امانت قرار ڏنو ويو. هي لفظ سنڌ جي اجتماعي احساس کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن، ڇاڪاڻ تہ هتي وحدت کي رڳو سياسي نعرو نہ، پر تاريخي ذميواري طور ڏٺو ويو آهي.

3 سيپٽمبر 2026ع واري اجلاس انهيءَ سوچ کي وڌيڪ واضح ڪري ڇڏيو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊگهي بحث کان پوءِ صوبو ٽوڙڻ، نئون صوبو ٺاهڻ يا اهڙيون انتظامي اڪايون قائم ڪرڻ جيڪي عملي طور نون صوبن جي صورت اختيار ڪن، اهڙين تجويزن کي رد ڪرڻ وارو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. رپورٽ موجب سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ايوان ۾ سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪنهن بہ سمجهوتي کي رد ڪيو، جڏهن تہ مخالف ڌر جي ڪجهہ ميمبرن انتظامي

اڪائين ۾ اختيارن جي ورڇ بابت پنهنجون تجويزون شامل نه ٿيڻ تي اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو. هن سڄي بحث جو بنيادي نڪتو اهو رهيو ته انتظامي سهولتن جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ختم ڪرڻ ان جو لازمي نتيجو نه هجڻ گهرجي.

سنڌ جي وحدت جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي جو هِن صوبي پاڪستان جي قيام ۾ غيرمعمولي ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جي قانون ساز اداري جي تاريخ پاڪستان جي قيام کان اڳ جي سياسي جدوجهد سان ڳنڍيل آهي. سنڌ 1936ع ۾ بمبئيءَ کان الڳ صوبو بڻيو ۽ ان کان پوءِ قائم ٿيندڙ سنڌ اسيمبلي ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي سياسي مستقبل بابت اهم بحثن جو مرڪز رهي. سنڌ آرڪائيوز ۾ سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي تاريخي ڪارروائين جو محفوظ رڪارڊ موجود آهي، جيڪو سنڌ جي سياسي ۽ آئيني سفر جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي تاريخ رکندڙ ڌرتيءَ جي وحدت کي رڳو انتظامي حساب ڪتاب سان ماپڻ ان جي حقيقي معنيٰ کي محدود ڪرڻ برابر آهي.

سنڌ جي ماڻهن لاءِ اها ڌرتي ان ڪري به مقدس آهي جو هتي موهن جي دڙي جي تهذيب کان وٺي سنڌو درياهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، لعل شهباز قلندر ۽ صوفي روايتن تائين هڪ اهڙو ثقافتي تسلسل موجود آهي، جنهن سنڌ کي صرف هڪ جاگرافيائي علائقو نه پر هڪ مڪمل تهذيبي سڃاڻپ بڻايو آهي. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ ۽ مختلف ثقافتي پسمنظر رکندڙ ماڻهو صدين کان گڏ رهندا آيا آهن. انهيءَ تنوع باوجود سنڌ ڌرتيءَ سان وابستگي هڪ گڏيل احساس پيدا ڪري ٿي، تنهن ڪري سنڌ جي وحدت جو تصور ڪنهن هڪ جماعت، ٻولي يا علائقي جي ملڪيت نه، پر صوبي جي مجموعي عوامي احساس جو حصو آهي.

اڄ جي سنڌ کي ڏسجي ته انتظامي مسئلن جو حل صوبي کي ٽوڙڻ کان سواءِ به ممڪن آهي ۽ سنڌ حڪومت جي ترقياتي پاليسين مان ان جو هڪ رخ نظر اچي ٿو. 26ـ2025ع لاءِ سنڌ جي سالياني ترقياتي پروگرام جو مجموعي دائرو 1018 ارب رپيا رکيو ويو جنهن ۾ صوبائي ترقياتي پروگرام لاءِ 520 ارب رپيا، ضلعي ترقياتي پروگرام لاءِ 55 ارب رپيا، پرڏيهي منصوبن جي مد ۾ 366.72 ارب رپيا ۽ وفاقي ترقياتي پروگرام مان 76.28 ارب رپيا شامل هئا. انهن منصوبن ۾ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي بحالي، صحت جي سهولتن، آبپاشي، صاف پاڻي، روڊن، شهري ڍانچي، عام ٽرانسپورٽ، ماحولياتي تحفظ ۽ رهائش جهڙا شعبا شامل هئا.

ضلعي ترقياتي پروگرام جي اهميت ان ڳالهه مان به ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌ حڪومت 26ـ2025ع ۾ ضلعي ترقياتي منصوبن لاءِ 55 ارب رپيا رکيا ۽ جاري منصوبن کي ترجيح ڏيڻ سان گڏ نون منصوبن لاءِ به رقم مختص ڪئي. اهڙي طريقي سان ترقيءَ کي رڳو ڪراچي يا حيدرآباد تائين محدود رکڻ بدران مختلف ضلعن جي ضرورتن کي ترقياتي عمل ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي منصوبابندي ۽ ترقي کاتي موجب سالياني ترقياتي پروگرام جو مقصد تعليم، صحت، روڊن، پاڻي، آبپاشي، زراعت، توانائي ۽ سماجي ترقي سميت مختلف شعبن ۾ عوامي ضرورتن مطابق سيڙپڪاري ڪرڻ آهي.

صحت جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت جو ماڊل پڻ صوبي جي مختلف علائقن کي هڪ ئي صحت واري نظام سان ڳنڍڻ جو مثال پيش ڪري ٿو. 27ـ2026ع جي بجيٽ ۾ صحت لاءِ 393.16 ارب رپيا رکيا ويا. ان ۾ دل، گردن، ڪينسر، ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۽ ٻين پيچيده بيمارين جي علاج لاءِ سرڪاري، غير سرڪاري، نيم سرڪاري ادارن کي وسيلا فراهم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن، دل جي بيمارين واري قومي اداري، ٻارن جي صحت ۽ ٻين ادارن لاءِ مختص ڪيل رقم ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جديد علاج جون سهولتون رڳو هڪ شهر تائين محدود رکڻ بدران صوبي جي وسيع آبادي تائين

پهچائڻ جو مقصد سامهون رکيو ويو آهي.

سنڌ جي ترقيءَ جو هڪ اهم پاسو اهو پڻ آهي ته ڪراچي ۽ ٻين علائقن جي ضرورتن کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ نه پر گڏيل صوبي جي ضرورت طور ڏٺو وڃي. 2026_27ع جي بجيٽ ۾ ڪراچيءَ جي مختلف ترقياتي منصوبن لاءِ 108.1 ارب رپيا رکيا ويا، جن ۾ روڊن، پاڻي، نيڪال، صحت، تعليم ۽ آمدرفت جا منصوبا شامل آهن. شهر لاءِ مجموعي طور 816 ترقياتي منصوبن جو ذڪر ڪيو ويو، جن جي اندازي مطابق مجموعي لاڳت 644.3 ارب رپيا ٻڌائي وئي. ان سان گڏ حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر، لاڙڪاڻي، شهيد بينظير آباد، ٿرپارڪر ۽ ٻين علائقن ۾ روڊن، پاڻي، تعليم ۽ صحت بابت منصوبن جو سلسلو پڻ جاري آهي.

آمدرفت ۽ مواصلات جو ڍانچو ڪنهن به وڏي صوبي کي متحد رکڻ لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي جائزي موجب سنڌ جو روڊن وارو وسيع نيٽ ورڪ شهرن، مارڪيٽن ۽ مقامي آباديءَ کي ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. صوبائي روڊن جي بهتريءَ سان تعليم، صحت، روزگار ۽ واپار تائين رسائي وڌائڻ مقصدن ۾ شامل رهيو آهي. 2026ع ۾ سنڌ ۾ وفاقي ادارن پنجن وڏين شاهراهن جي منصوبن کي تيز ڪرڻ ۽ جون 2027ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف پڻ مقرر ڪيو، جن ۾ ڪوسٽل هاءِ وي، مهراڻ هاءِ وي، روهڙي_گڊو روڊ، ٽنڊو الهيار_ٽنڊو آدم ٻه طرفي شاهراهه ۽ سانگهڙ_ روهڙي روڊ شامل آهن. انهن منصوبن جي گڏيل اندازي مطابق لاڳت 140.91 ارب رپيا آهي.

پاڻي ۽ رهائش به سنڌ جي وحدت سان سڌو سنئون لاڳاپيل مسئلا آهن. 2022ع جي هاڃيڪار ٻوڏ ڪان پوءِ سنڌ ۾ بحاليءَ جو عمل وڏي پيماني تي جاري رهيو. عالمي بئنڪ موجب ٻوڏ ڪان پوءِ بحاليءَ جي منصوبن ذريعي لکين ماڻهن کي ٻوڏ کان تحفظ، روڊن ۽ بنيادي ڍانچي جي بحالي ۽ صاف پاڻي تائين رسائي فراهم ڪئي وئي، جڏهن ته 410,000 کان وڌيڪ گهرن جي تعمير يا بحاليءَ واري منصوبي تي ڪم جاري رهيو. آڪٽوبر 2024ع تائين 150,000 گهر مڪمل ٿي چڪا هئا ۽ لکين ماڻهن کي بنيادي ڍانچي جي بحاليءَ مان فائدو پهتو. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ کي ورهائڻ بدران گڏيل وسيلن سان موسمي تبديلين، پاڻي، ٻوڏ ۽ رهائش جهڙن گڏيل خطرن کي منهن ڏيڻ وڌيڪ منطقي رستو بڻجي ٿو.




تعليم جي ميدان ۾ پڻ صوبائي حڪومت انتظامي نظام کي جديد بڻائڻ طرف وڌي رهي آهي. 2026ع ۾ شاگردن جي داخلا واري نظام کي مڪمل طور برقي بڻائڻ ۽ هر شاگرد لاءِ سڃاڻپ نمبر مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جيڪو قومي سڃاڻپ واري نظام سان ڳنڍڻ جي تجويز سان لاڳاپيل آهي. ساڳئي سال سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي حاضري، تعليمي ڪارڪردگي ۽ امتحاني رڪارڊ کي برقي طريقي سان محفوظ ڪرڻ وارو نظام 3647 اسڪولن تائين وڌايو ويو جڏهن ته 2027ع تائين صوبي جي سمورن سرڪاري اسڪولن کي ان نظام ۾ شامل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو. اهي قدم ظاهر ڪن ٿا ته سنڌ اندر انتظامي سڌارن لاءِ صوبي کي ٽوڙڻ بدران جديد انتظام، برقي نظام ۽ ادارتي نگرانيءَ کي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ حڪومت جي ترقياتي سوچ ۾ ڪراچيءَ سان گڏ ٻهراڙيءَ ۽ ننڍن شهرن کي به اهميت ڏيڻ جو عنصر موجود آهي. ڪچين آبادين ۾ روڊن، نيڪال، پاڻي، بجلي ۽ پڪن

**سنڌ ڪي ورهائڻ جو سوال رڳو نقشي تي هڪ ليڪ ڪڍڻ جو سوال ناهي. اها انهن ماڻهن جي تاريخ، احساسن ۽ اجتماعي سڃاڻپ سان لاڳاپيل ڳالهه آهي، جن لاءِ سنڌ سندن گهر، ثقافت، ٻولي، درياهه، ڌرتي ۽ مستقبل جي علامت آهي. سنڌ اسيمبليءَ جو تازو نهراءُ انهيءَ عوامي احساس جو آئيني اظهار آهي. سنڌ هڪ آهي، پنهنجي تاريخ ۾ هڪ رهي آهي ۽ عوام جي اجتماعي شعور ۾ به هڪ رهندي. سنڌ جي ڌرتيءَ جي وحدت ڪنهن عارضي ۽ وقتي سياسي بحث جو موضوع نه، پر سنڌ جي عوام لاءِ هڪ مقدس امانت آهي، جنهن جي حفاظت جمهوريت، آئين، ترقي ۽ عوامي رضامنديءَ سان ئي ممڪن آهي.**

روڊن بابت گذريل ڏهن سالن جي منصوبن جو سرڪاري رڪارڊ پڻ مختلف ضلعن ۾ ٿيل ترقياتي ڪمن کي ظاهر ڪري ٿو. ساڳي طرح صوبائي حڪومت جي وڏن منصوبن ۾ حيدرآباد–ميرپورخاص ٻه طرفي شاهراهه، ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر، جگر جي پيوندڪاريءَ وارو مرڪز گمبٽ، صحت جا ادارا، شهري آمدرفت ۽ پاڻيءَ جا منصوبا شامل آهن.

يقيناً سنڌ ۾ مسئلا ختم نه ٿيا آهن. تعليم، صحت، پاڻي، روزگار، شهري سهولتن، روڊن ۽ مقامي حڪومتن جي ڪارڪردگيءَ ۾ اڃا به وڏي بهتريءَ جي ضرورت آهي. ترقياتي بجيٽ ۾ گهٽتائي ۽ مختلف منصوبن جي رفتار بابت معتبر صحافتي رپورٽون سوال پڻ اٿارين ٿيون. پر انهن مسئلن جو وجود سنڌ کي ٽوڙڻ جو دليل نٿو بڻجي. ان جي ابتڙ، اهي مسئلا گڏيل منصوبابندي، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، مضبوط مقامي حڪومتن، بهتر نگراني ۽ تيز عملدرآمد جو مطالبو ڪن ٿا.

سنڌ جي وحدت جو مطلب اهو ناهي ته صوبي جي ڪنهن حصي جا مسئلا نظرانداز ڪيا وڃن. ان جو مطلب اهو آهي ته ڪراچيءَ جا مسئلا ڪراچيءَ جا مسئلا سمجهي حل ڪيا وڃن، حيدرآباد جي ضرورتن کي حيدرآباد واري اوليت ملي، ٿر جي پاڻي ۽ روزگار کي ٿر جي ترجيح بڻايو وڃي، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي صحت ۽ تعليم جون ضرورتون پوريون ڪيون وڃن ۽ ساموندي پٽيءَ کان ڪشمور تائين هر علائقي کي هڪجهڙا شهري حق ۽ ترقيءَ جا موقعا ڏنا وڃن. متحده سنڌ ۾ انتظامي اختيار وڌيڪ هيٺين سطح تائين منتقل ڪري سگهجن ٿا، ضلعا ۽ مقامي ادارا مضبوط ڪري سگهجن ٿا ۽ ترقيءَ جا فائدا هر گهر تائين پهچائي سگهجن ٿا.

سنڌ کي ورهائڻ جو سوال رڳو نقشي تي هڪ ليڪ ڪڍڻ جو سوال ناهي. اها انهن ماڻهن جي تاريخ، احساسن ۽ اجتماعي سڃاڻپ سان لاڳاپيل ڳالهه آهي، جن لاءِ سنڌ سندن گهر، ثقافت، ٻولي، درياهه، ڌرتي ۽ مستقبل جي علامت آهي. سنڌ اسيمبليءَ جو تازو نهراءُ انهيءَ عوامي احساس جو آئيني اظهار آهي. سنڌ جي وحدت کي مقدس امانت سمجهڻ جو مطلب ڪنهن ٻئي صوبي يا وفاق سان ٽڪراءُ نه، پر پنهنجي تاريخي سڃاڻپ سان وفاداري آهي. سنڌ سان محبت پاڪستان سان محبت جي ابتڙ نه آهي؛ مضبوط، خوشحال ۽ متحد سنڌ ئي مضبوط وفاق جو بنياد بڻجي سگهي ٿي، تنهن ڪري سنڌ جا انتظامي مسئلا حل ٿيڻ گهرجن، ترقيءَ جي رفتار وڌڻ گهرجي، وسيلن جي ورڇ وڌيڪ منصفاڻي ٿيڻ گهرجي ۽ حڪمراني وڌيڪ عوام دوست بڻجڻ گهرجي، پر انهن سڀني مقصدن لاءِ سنڌ کي ٽوڙڻ ضروري ناهي. سنڌ هڪ آهي، پنهنجي تاريخ ۾ هڪ رهي آهي ۽ عوام جي اجتماعي شعور ۾ به هڪ رهندي. سنڌ جي ڌرتيءَ جي وحدت ڪنهن عارضي ۽ وقتي سياسي بحث جو موضوع نه، پر سنڌ جي عوام لاءِ هڪ مقدس امانت آهي، جنهن جي حفاظت جمهوريت، آئين، ترقي ۽ عوامي رضامنديءَ سان ئي ممڪن آهي.

انيس احمد

# سنڌ جي وحدت ۽ صوبائي اسيمبليءَ جو تاريخي ٺهراءُ

پاڪستان جي وفاقي جوڙجڪ ۾ صوبن جي حيثيت هميشہ کان هڪ حساس ۽ اهم موضوع رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي صوبا ئي آهن جن جي اتحاد سان ملڪ وجود ۾ آيو. تازو ملڪ اندر نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي تشڪيل بابت هڪ نئون بحث شروع ٿيو آهي جنهن ۾ اهڙيون تجويزون ۽ صلاحون بہ سامهون آيون آهن جن جو اثر سنڌ جي موجوده علائقائي حدن تي پئجي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي عوام، سندن چونڊيل نمائندن ۽ صوبائي اسيمبلي جو رد عمل تاريخي ۽ آئيني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ گهرجي، جيئن سنڌ جي سياسي شعور ۽ آئيني حساسيت جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي.

سنڌ رڳو هڪ انتظامي اِڪائي ناهي پر هڪ اهڙو تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي وجود آهي جنهن جي سڃاڻپ ۽ علائقائي تسلسل صدين تي پکڙيل آهي. سنڌ اهو صوبو آهي جيڪو پاڪستان ۾ هڪ الڳ ۽ اڻ ورهايل حيثيت ۾ شامل ٿيو ۽ ان جو پاڪستان جي تخليق ۾ ڪردار اڳواٽيءَ وارو رهيو آهي. تاريخ شاهد آهي تہ سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي برطانوي هندستان جي پهرين صوبائي اسيمبلي هئي جنهن 3 مارچ 1943ع تي پاڪستان جي قيام جي حمايت ۾ قرارداد منظور ڪئي ۽ بعد ۾ 26 جون 1947ع تي هڪ خاص اجلاس ۾ سنڌ، نئين ٺهندڙ پاڪستان سان هڪ جزوي رياست طور شامل ٿيڻ جو باقاعده اعلان ڪيو. اهي تاريخي حقيقتون ثابت ڪن ٿيون تہ سنڌ جو پاڪستان سان تعلق رڳو انتظامي نہ پر نظرياتي ۽ جذباتي بنيادن تي بہ مضبوط رهيو آهي.

سنڌ جي عوام پنهنجن چونڊيل نمائندن جي ذريعي بار بار ۽ واضح انداز ۾ پنهنجي صوبي جي وحدت ۽ علائقائي سالميت برقرار رکڻ جو پنهنجو پختو ارادو ظاهر ڪيو آهي. اهو ڪو نئون رويو ناهي پر هڪ اهڙو تسلسل آهي جيڪو صوبائي اسيمبلي 1948ع کان وٺي مسلسل ظاهر ڪندي



آئي آهي. 2012ع، 2013ع، 2014ع، 2019ع ۽ تازو 21 فيبروري 2026ع تي بہ اسيمبلي اهڙيون قراردادون منظور ڪري چڪي آهي جن ۾ سنڌ جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي توثيق ڪئي وئي ۽ صوبي کي ورهائڻ يا ان جو ڪو بہ حصو ڌار ڪرڻ جي ڪوشش کي رد ڪيو ويو. اهو تسلسل ظاهر ڪري ٿو تہ سنڌ جي وحدت جو مسئلو ڪنهن هڪ سياسي جماعت يا هڪ خاص دور جو معاملو نہ پر سنڌ جي سمورن نمائندن جو گڏيل ۽ اصولي موقف رهيو آهي.

آئيني نقطہ نظر کان بہ هي موقف مضبوط بنياد رکي ٿو. اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو آئين هڪ اهڙو وفاقي نظام قائم ڪري ٿو جيڪو صوبن جي خودمختياري، سالميت ۽ آئيني حقن تي ٻڌل آهي. آئين جي آرٽيڪل 239 (4) تحت اهو واضح شرط رکيل آهي تہ اهڙي آئيني ترميم، جنهن جو اثر ڪنهن صوبي جي حدن کي تبديل ڪرڻ تي پئجي سگهي، صدر جي منظوري لاءِ ان وقت تائين پيش نٿي ڪري سگهجي جيستائين ان کي واسطيدار صوبي جي اسيمبلي پنهنجي ڪل رڪنيت جي گهٽ ۾ گهٽ 2/3 ووٽن سان منظور نہ ڪري. اهو آئيني تحفظ ئي آهي جيڪو صوبن کي هي اختيار ڏئي ٿو تہ اهي پنهنجي علائقائي حدن جي حفاظت پاڻ

ڪري سگهن ۽ اهو وفاقي پاڪستان جي بنيادي اصولن مان هڪ اهم اصول آهي.

اهڙي پس منظر ۾ 3 سيپٽمبر 2026ع خميس ڏينهن صوبائي اسيمبلي پنهنجي اجلاس ۾ نثار احمد کهڙو ۽ چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي، جي پيش ڪيل قرارداد متفق طور تي منظور ڪئي. هن قرارداد ذريعي ايوان اهو واضح ڪيو ته اهو اهڙي ڪنهن به تجويز، منصوبي، اسڪيم يا آئيني بندوبست کي ڪنهن به نالي يا وضاحت مڪمل طور تي رد ڪري ٿو جيڪا سنڌ کي ورهائڻ، ان جي موجوده علائقائي حدن کي تبديل ڪرڻ يا ان جي علائقي مان ڪو نئون صوبو ناهڻ جي ڪوشش ڪري. ساڳي طرح اسيمبلي اهڙي ڪنهن منصوبي کي به رد ڪيو جنهن جو مقصد، سنڌ مان ڪنهن ضلعي، ڊويزن يا علائقي کي ڌار ڪرڻ يا سنڌ جي ڪنهن حصي کي الڳ يا وفاقي انتظامي بندوبست هيٺ آڻڻ هجي.

قرارداد ۾ واضح لفظن ۾ اهو اعلان ڪيو ويو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ۽ سنڌ ۾ موجوده وقت شامل هر ضلعو ڊويزن ۽ علائقو صوبي جو اڻ ڇنل ۽ لازمي حصو آهي. ايوان ٻيهر تصديق ڪئي ته اهو سنڌ جي علائقائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي تبديليءَ جي اجازت نٿو ڏئي ۽ نه ڏيندو ۽ آئين جي آرٽيڪل 239 (4) تحت پنهنجو آئيني اختيار استعمال ڪندي صوبي جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي حفاظت ڪندو. گڏوگڏ اهو به چيو ويو ته سمورن وفاقي اڪائين جي آئيني حقن ۽ سالميت جو احترام ڪيو وڃي ۽ وفاق جي ٻيهر جوڙجڪ متعلق ڪا به بحث و مباحثو صرف آئين جمهوري رضامندي ۽ لاڳاپيل عوام جي مرضيءَ جي دائري اندر رهي هجڻ گهرجي.

قرارداد ۾ وفاقي حڪومت، پارليامينٽ، سمورين سياسي جماعتن ۽ رياستي ادارن کي اپيل ڪئي وئي ته اهي سنڌ جي عوام ۽ سندن چونڊيل صوبائي اسيمبلي جي واضح جمهوري راءِ جو احترام ڪن. اهڙي ڪنهن به تجويز کي پيش ڪرڻ، ان جي حمايت ڪرڻ يا ان تي غور ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سان سنڌ جي علائقائي سالميت متاثر ٿيڻ جو خدشو هجي. ايوان واضح ڪيو ته سنڌ جي وحدت ۽ علائقائي سالميت سياسي اختلافن ۽ جماعتن کان مٿاهين حيثيت رکي ٿي. صوبائي اسيمبلي سنڌ جي تاريخي، آئيني ۽ علائقائي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پرامن، جمهوري ۽ آئيني طريقن سان گڏيل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي.

قرارداد جي آخر ۾ سنڌ حڪومت کي هدايت ڪئي وئي ته هِن ٺهراءَ جي هڪ ڪاپي صدرِ پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان، چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي ڏانهن موڪلي وڃي، ته جيئن سنڌ اسيمبلي جو واضح آئيني موقف وفاقي سطح تي سرڪاري رڪارڊ جو حصو بڻجي سگهي.

هن قرارداد مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌ جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جو معاملو رڳو سياسي نعرو نه پر آئين، تاريخ ۽ جمهوري اصولن سان لاڳاپيل اهم معاملو آهي. سنڌ اسيمبلي جو هي قدم ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ جا چونڊيل نمائندا پارٽي اختلافن کان مٿي ٿي صوبي جي بنيادي حقن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ گڏ آهن. اهو اتحاد سنڌ جي عوام جي اعتماد جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ وفاقي نظام جي انهن اصولن جي به حمايت ڪري ٿو جن موجب ڪنهن به صوبي جي حدن ۾ تبديلي، ان صوبي جي رضامندي ۽ آئيني طريقيڪار کان سواءِ نٿي ڪري سگهجي. قرارداد ذريعي سنڌ اسيمبلي پنهنجو موقف پرامن، جمهوري ۽ آئيني طريقي سان رڪارڊ تي آندو آهي جيڪو مسئلن کي احتجاج بدران آئيني فورمن ذريعي حل ڪرڻ جو بهترين مثال آهي. هي قدم سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ، جمهوري روايتن ۽ آئيني حقن جي احترام کي به ظاهر ڪري ٿو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته سنڌ جا چونڊيل نمائندا، صوبي جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ لاءِ گڏيل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا.

اطهر الدين

# سنڌ اسيمبلي جمهوري روايتن جي امين

انساني سماج جي ترقيءَ ۾ ڪجهه اهڙن ادارن جو بنيادي ڪردار هوندو آهي جيڪي رڳو انتظام هلائڻ يا قانون ٺاهڻ تائين محدود ناهن هوندا پر اهي عوام جي خواهشن، مسئلن ۽ اميدن کي رياستي نظام تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجن ٿا. پارليامينٽ اهڙو ئي هڪ بنيادي جمهوري ادارو آهي. اِها اُها جاءِ آهي جتي عوام پاران چونڊيل نمائندا قومي ۽ عوامي معاملن تي بحث ڪن ٿا، قانون ناهين ٿا حڪومت کان سوال ڪن ٿا ۽ ملڪ جي مستقبل بابت پاليسين جي جوڙجڪ ۾ حصو وٺن ٿا. ان ڪري پارليامينٽ کي جمهوري نظام جي دل چيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي مضبوط ۽ فعال هجڻ سان ئي جمهوريت جي روح کي سگهه ملي ٿي.

پارليامينٽ جو بنيادي مقصد عوام جي نمائندگي ڪرڻ آهي. عام ماڻهو پنهنجو ووٽ ڏئي نمائندا چونڊي ٿو ۽ اميد رکي ٿو ته اهي سندس مسئلن، ضرورتن ۽ حقن جو آواز بڻجندا. هڪ سٺي پارليامينٽ ۾ نمائندا رڳو پنهنجي سياسي جماعت جي پاليسيءَ جو دفاع نه ڪندا آهن، پر پنهنجي چونڊ تڪ/ علائقي ۽ عام ماڻهن جي مسئلن کي به ايوان ۾ پيش ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح پارليامينٽ عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ هڪ اهم پل جو ڪردار ادا ڪندي آهي. جڏهن اهو رابطو مضبوط هوندو آهي ته ماڻهن جو جمهوري ادارن تي اعتماد پڻ وڌندو آهي.

پارليامينٽون جمهوري نظام جو اهم ٿنڀ هونديون آهن، جيڪي عوام جي نمائندگي ڪرڻ سان گڏ قانون سازي، حڪومتي نگراني ۽ قومي معاملن تي بامقصد بحث لاءِ اهم فورم فراهم ڪنديون آهن. مختلف ملڪن جون پارليامينٽون پاڻ ۾ سهڪار ۽ رابطن کي هٿي ڏئي عالمي سطح تي امن، جمهوريت ۽ پائيدار ترقيءَ جي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. پارلياماني ادارن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل سهڪار سان جمهوري قدرن کي مضبوط ڪرڻ، عوامي مفادن جو تحفظ ڪرڻ ۽ حڪمرانيءَ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي.



جمهوريت رڳو چونڊون ڪرائڻ جو نالو ناهي. چونڊون جمهوري عمل جي شروعات آهن، جڏهن ته اصل جمهوريت تڏهن مضبوط ٿيندي آهي جڏهن چونڊيل نمائندا پنهنجي ذميواري ايمانداريءَ سان ادا ڪن. پارليامينٽ ۾ آزاد بحث، اختلافِ راءِ جو احترام، قانون سازي ۽ حڪومت کان پڇاڻو جمهوريت جا بنيادي جزا آهن. چونڊيل نمائندن کي عوامي مسئلن تي ڳالهائڻ، حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ ۽ ضرورت پوڻ تي پاليسين ۾ تبديليءَ لاءِ آواز بلند ڪرڻ جو حق حاصل هجڻ گهرجي.

قانون سازي پارليامينٽ جو سڀ کان اهم ڪم آهي. سماج جون ضرورتون وقت سان تبديل ٿينديون رهن ٿيون، تنهن ڪري قانونن ۾ به وقت ۽ حالتن مطابق تبديلي ضروري آهي. تعليم، صحت، عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ، ماحول، روزگار، سماجي ڀلائي، عوامي سهولتن ۽ اقليتن جي حقن بابت قانون ماڻهن جي زندگيءَ تي سڌو اثر وجهن ٿا. قانون ٺاهڻ وقت

عوامي ضرورتن، ماهرن جي راءِ ۽ سماج جي مختلف طبقن جي مفادن کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. بهتر قانون ئي بهتر حڪمرانيءَ جو بنياد بڻجي سگهن ٿا.

پارليامينٽ جو ٻيو اهم ڪم حڪومت کان پڇاڻو ڪرڻ آهي. جمهوري نظام ۾ حڪومت عوام جي نمائندن آڏو جوابده هوندي آهي. سوالن، بحثن، رٿن ۽ مختلف پارلياماني طريقن ذريعي چونڊيل نمائندا حڪومت جي ڪارڪردگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ عوامي مسئلن تي وضاحت طلب ڪري سگهن ٿا. جوابدهيءَ جو اهو عمل حڪمرانيءَ ۾ شفافيت پيدا ڪري ٿو ۽ ادارن کي پنهنجي ذميوارين ڏانهن وڌيڪ سنجيده بڻائي ٿو. مضبوط پارليامينٽ حڪومت جي مخالفت لاءِ نه، پر بهتر حڪمرانيءَ لاءِ ضروري هوندي آهي.

عورتن، نوجوانن ۽ سماج جي ٻين طبقن جي نمائندگي به پارلياماني نظام جي اهم ضرورت آهي. سماج جي هر طبقي جا مسئلا هڪجهڙا ناهن هوندا. جڏهن مختلف طبقن جا نمائندا قانون ساز ادارن ۾ موجود هوندا آهن ته انهن جا مسئلا پاليسي سازيءَ جو حصو بڻجي سگهندا آهن. عورتن جي نمائندگيءَ سان عورتن سان لاڳاپيل مسئلن تي وڌيڪ اثرائتو بحث ٿي سگهي ٿو جڏهن ته نوجوانن جي شموليت سان نئين نسل جي اميدن ۽ ضرورتن کي قانون سازيءَ ۾ جاءِ ملي سگهي ٿي. ساڳيءَ طرح اقليتن، مزدورن، هارين ۽ ٻين محروم طبقن جي آواز کي به پارليامينٽ ۾ مناسب اهميت ملڻ گهرجي.

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ پارلياماني ادارن کي خاص اهميت حاصل رهي آهي. سنڌ کي پهرين اپريل 1936ع تي بمبئيءَ کان الڳ ڪري ڌار صوبو بڻايو ويو. ان کان پوءِ 7 فيبروري 1937ع تي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جون پهريون چونڊون ٿيون ۽ 27 اپريل 1937ع تي ان جو پهريون اجلاس ٿيو. سنڌ اسيمبليءَ جي سرڪاري تاريخ موجب هن اداري سنڌ جي سياسي ۽ سماجي معاملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ اسيمبليءَ جي تاريخ پاڪستان جي سياسي تاريخ سان به گهرو تعلق رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ايوان پاڪستان جي قيام جي حمايت ۾ تاريخي قرارداد منظور ڪئي.

اڄ سنڌ اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي، حڪومتي نگراني ۽ عوامي مسئلن تي بحث جو اهم ادارو آهي. ان جي موجوده جوڙجڪ ۾ عام سيٽن سان گڏ عورتن ۽ غير مسلم شهرين لاءِ مخصوص سيٽون پڻ موجود آهن. اهڙي نمائندگي ان اصول کي مضبوط ڪري ٿي ته قانون ساز ادارن ۾ سماج جي مختلف حصن جو آواز شامل ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي عوام سان لاڳاپيل تعليم، صحت، پاڻي، ماحول، روزگار، سماجي تحفظ، عورتن ۽ ٻارن جي حقن ۽ ٻين معاملن تي ايوان اندر بحث پارليامينٽ جي عوامي ڪردار کي نمايان ڪري ٿو.

سنڌ جي سياسي روايتن ۾ جمهوريت، سياسي جدوجهد ۽ عوامي نمائندگيءَ جو تصور پراڻو آهي. مختلف دورن ۾ ماڻهن جمهوري حقن ۽ سياسي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. ان تاريخ مان اهو سبق ملي ٿو ته جمهوري ادارا پاڻمرادو مضبوط ناهن ٿيندا، پر انهن جي مضبوطيءَ لاءِ سياسي قيادت، چونڊيل نمائندن، ميڊيا ۽ عام ماڻهن جي مسلسل ڪوشش ضروري آهي. ادارن جو احترام ان وقت وڌندو آهي، جڏهن اهي عوامي خدمت، قانون جي بالادستي ۽ شفافيت کي پنهنجي بنيادي مقصد طور اختيار ڪن.

اڄ جي دور ۾ پارليامينٽ کي نون چئلينجن کي به منهن ڏيڻو پوي ٿو. غلط معلومات، بنا تصديق خبرون ۽ سماجي رابطن ۽ سوشل ميڊيا آڌار تيزيءَ سان پکڙجندڙ افواهون عوامي راءِ کي متاثر ڪري سگهن ٿيون. اهڙي ماحول ۾ پارليامينٽ جي ڪارروائي بابت صحيح معلومات عوام تائين پهچائڻ وڌيڪ ضروري ٿي پيو آهي. ميڊيا کي پڻ پارلياماني سرگرمين جي ذميوار ۽ غيرجانبدار رپورٽنگ ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته عوام کي به هر معلومات کي بنا تصديق قبول ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

جديد ٽيڪنالاجي پارليامينٽ ۽ عوام وچ ۾ فاصلا

**پارليامينٽ تڏهن ئي جمهوري نظام جي صحيح معنيٰ ۾ دل بڻجي سگهي ٿي، جڏهن اتي عوام جو آواز عزت سان ٻڌو وڃي، قانون سڀني لاءِ برابر هجي، حڪومت جوابده هجي ۽ چونڊيل نمائندا پنهنجي ذميوارين کي عوام جي امانت سمجهن. جمهوريت جي طاقت رڳو ايوان جي عمارت ۾ نه، پر ان سوچ ۾ آهي، جيڪا عوام جي حقن، آزادي، برابري ۽ بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪري ٿي، تنهن ڪري پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ دراصل جمهوريت، عوامي اعتماد ۽ ملڪ جي مستقبل کي مضبوط ڪرڻ آهي**

گهٽائڻ جو اهم ذريعو بڻجي سگهي ٿي. ايوان جي ڪارروائي، قانونن، بحثن ۽ نمائندن جي سرگرمين بابت معلومات جيڪڏهن آسانيءَ سان عوام تائين پهچندي ته ماڻهن کي پارلياماني عمل کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي. شفاف معلومات سان عوام کي اهو به معلوم ٿي سگهي ٿو ته سندن نمائندا ڪهڙن مسئلن تي آواز بلند ڪري رهيا آهن ۽ قانون سازيءَ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهڙي شفافيت عوامي اعتماد کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

پارليامينٽ جو ڪردار رڳو ملڪ يا صوبي جي اندروني معاملن تائين محدود ناهي. ڪيترن ئي موقعن تي پارلياماني وفد ٻين ملڪن جو دورو ڪري پنهنجي ملڪ جو موقف پيش ڪندا آهن ۽ مختلف ملڪن جي نمائندن سان لاڳاپا وڌائيندا آهن. اهڙي پارلياماني سفارتڪاريءَ سان ملڪن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه، سهڪار ۽ گڏيل مفادن کي هٿي ملي سگهي ٿي. عالمي امن ۽ مسئلن جي پرامن حل لاءِ پارليامينٽن وچ ۾ رابطا به خاص اهميت رکن ٿا.

عوام لاءِ پارليامينٽ جي اهميت تڏهن وڌيڪ محسوس ٿيندي آهي، جڏهن ڪو عام شهري ڏسي ٿو ته سندس مسئلو ايوان ۾ اٿاريو ويو آهي ۽ ان جي حل لاءِ حڪومتي سطح تي قدم کنيا پيا وڃن. چونڊيل نمائندن ۽ عوام جي وچ ۾ اهو تعلق جمهوريت کي زنده رکندو آهي. ان ڪري چونڊيل نمائندن لاءِ ضروري آهي ته هو عوام سان پنهنجو رابطو برقرار رکن ۽ ماڻهن کي رڳو چونڊن جي وقت نه، پر سڄي عرصي دوران پنهنجي سياسي ذميواريءَ جو حصو سمجهن.

پارليامينٽ جي مضبوطيءَ لاءِ عوام جو شعور پڻ بنيادي اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو پارليامينٽ جي ڪم، قانون سازيءَ جي عمل ۽ پنهنجي چونڊيل نمائندن جي ذميوارين کان آگاهه هوندا ته اهي پنهنجي حقن بابت وڌيڪ خبرداريءَ سان فيصلا ڪري سگهندا. اسڪولن، يونيورسٽين، ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ کي به جمهوري شعور وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. باشعور شهري ئي مضبوط جمهوري ادارن جو بنياد بڻجن ٿا.

پارليامينٽ جو عالمي ڏينهن اسان کي اهو موقعو ڏئي ٿو ته اسين پنهنجي جمهوري ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺون ۽ انهن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ سوچيون. مضبوط پارليامينٽ لاءِ آزاد ۽ سنجيده بحث، شفاف قانون سازي، جوابدهي، عوامي نمائندگي، عورتن ۽ نوجوانن جي شموليت، قانون جي بالادستي ۽ عوام سان مضبوط رابطو ضروري آهي.

سنڌ جي پارلياماني تاريخ اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿي ته عوامي نمائندگيءَ جا ادارا سماج جي تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. پارليامينٽ تڏهن ئي جمهوري نظام جي صحيح معنيٰ ۾ دل بڻجي سگهي ٿي، جڏهن اتي عوام جو آواز عزت سان ٻڌو وڃي، قانون سڀني لاءِ برابر هجي، حڪومت جوابده هجي ۽ چونڊيل نمائندا پنهنجي ذميوارين کي عوام جي امانت سمجهن. جمهوريت جي طاقت رڳو ايوان جي عمارت ۾ نه، پر ان سوچ ۾ آهي، جيڪا عوام جي حقن، آزادي، برابري ۽ بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪري ٿي، تنهن ڪري پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ دراصل جمهوريت، عوامي اعتماد ۽ ملڪ جي مستقبل کي مضبوط ڪرڻ آهي.

شهزاد علي

## دفاعِ وطن کان تعميرِ وطن تائين

# 6 سيپٽمبر ـ عظيم قربانين، اتحاد ۽ قومي ذميواري جو پيغام

6 سيپٽمبر پاڪستان جي قومي تاريخ جو اهو ڏينهن آهي جيڪو هر سال اسان کي آزادي، خودمختياري ۽ وطن جي سلامتي لاءِ ڏنل لازوال قربانين جي ياد ڏياري ٿو. هي ڏينهن رڳو 1965ع جي جنگ جي هڪ تاريخي واقعي کي ياد ڪرڻ جو نالو ناهي پر قومي اتحاد، بهادري، نظم، قرباني ۽ وطن سان وفاداريءَ جي انهن جذبن کي تازو ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي جن پاڪستاني قوم کي ڏکين گهڙين ۾ مضبوط بڻايو. هن ڏينهن تي قوم انهن شهيدن ۽ غازين کي سلام پيش ڪري ٿي جن پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ ملڪ جي دفاع جو فرض نڀايو ۽ انهن خاندانن کي به خراجِ تحسين پيش ڪري ٿي جن پنهنجا پيارا، وطن جي سلامتي لاءِ قربان ڪيا.

1965ع واري جنگ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم موڙ هئي. 6 سيپٽمبر تي ڀارتي فوج بين الاقوامي سرحد پار ڪري پاڪستان جي مختلف محاذن ڏانهن اڳيرائي ڪئي، جنهن کان پوءِ هڪ محدود علائقائي تڪرار وڏي جنگ جي صورت اختيار ڪري ويو. ان وقت پاڪستان جي هٿياربند فوجن سان گڏ عام شهرين به غير معمولي اتحاد، حوصلي ۽ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو. جنگ جي محاذن تي سپاهين پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا، جڏهن ته شهرن ۾ عوام پنهنجي فوج سان گڏ بيٺو، زخمين جي مدد ڪرڻ، رت ڏيڻ ۽ قومي حوصلي کي بلند رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. اهڙيءَ ريت ڇهه سيپٽمبر رڳو فوجي بهادري نه پر قوم ۽ فوج جي گڏيل عزم جي علامت بڻجي ويو. صدر پاڪستان آصف علي زرداري پڻ پنهنجي پيغام ۾ 6 سيپٽمبر کي آزادي، خودمختياري ۽ قومي سلامتيءَ لاءِ ڏنل قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن قرار ڏيندي شهيدن، غازين ۽ انهن جي خاندانن کي خراجِ عقيدت پيش ڪيو آهي.



1965ع جي جنگ دوران پاڪستان جي ٽنهي هٿياربند فوجن پنهنجي پنهنجي محاذ تي ذميواريون ادا ڪيون. زميني محاذ تي فوجي جوانن بهادريءَ سان مقابلو ڪيو، هوائي محاذ تي هوائي فوج جي جوانن پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ۽ ساموندي محاذ تي بحري فوج ملڪ جي ساموندي حدن جي حفاظت لاءِ سرگرم رهي. انهن قربانين جي ڪري 6 سيپٽمبر قومي شعور ۾ بهادري ۽ دفاع جي علامت بڻجي ويو. ان جنگ جي ڪيترن ئي ڪردارن مان ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد جو نالو خاص احترام سان ورتو وڃي ٿو جنهن پنهنجي فرض سان وفاداري ۽ قيادت جو اهڙو مثال قائم ڪيو جيڪو اڄ به نئين نسل لاءِ اتساهه جو ذريعو آهي.

6 سيپٽمبر جي اصل اهميت رڳو ماضيءَ کي ياد ڪرڻ ۾ ناهي. قومن جي زندگيءَ ۾ تاريخ تڏهن ئي ڪارائتي بڻجي ٿي جڏهن اها مستقبل لاءِ رستو ڏيکاري. شهيدن جون قربانيون اسان کي اهو سبق ڏين ٿيون ته ملڪ جي سلامتي رڳو هٿيارن سان نه پر قومي اتحاد، نظم، قانون جي احترام، معاشي مضبوطي، علم، تحقيق، سماجي انصاف ۽ ذميوار شهريت سان پڻ لاڳاپيل آهي. جيڪڏهن قوم اندروني طور مضبوط، متحد ۽ پرعزم هجي ته ٻاهرين چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت به وڌي وڃي ٿي.

سنڌ جو پاڪستان جي دفاعي تاريخ ۾ ڪردار پڻ نهايت نمايان رهيو آهي. سنڌ ڪيترن ئي بهادر سپوتن کي جنم ڏنو جن مختلف جنگين ۽ قومي سلامتيءَ جي ذميوارين دوران پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا. سنڌ جون ساموندي حدون، بندرگاهه ۽ ساحلي علائقا ملڪ جي دفاع ۽ معيشت ٻنهي لاءِ انتهائي اهم آهن. ڪراچي جيڪو ملڪ جو وڏو ساموندي شهر ۽ معاشي مرڪز آهي، قومي دفاع جي حوالي سان به خاص اهميت رکي ٿو. هتان جي بندرگاهن ذريعي ملڪ جو گهڻي قدر واپار هلندو آهي، تنهن ڪري سنڌ جي امن، استحڪام ۽ سلامتيءَ جو سڌو سنئون تعلق سڄي ملڪ جي معاشي مضبوطي سان آهي.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي 6 سيپٽمبر واري پيغام ۾ ان تاريخي ڪردار کي خاص طور تي اجاگر ڪيو. هن چيو ته دفاع وطن لاءِ سنڌ جي بهادر سپوتن جون قربانيون قومي تاريخ جو روشن باب آهن ۽ سنڌ جي ماٿهن هر ڏکي گهڙيءَ ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوجن سان گڏ بيهي قومي يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه موجب وطن جو دفاع رڳو سرحدن جي حفاظت جو نالو ناهي پر ملڪ جي وحدت، امن ۽ قومي يڪجهتيءَ جو تحفظ پڻ ان جو حصو آهي. هن شهيدن، غازين، جنگي سورمن ۽ انهن جي خاندانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته پاڪستان جي دفاع کي ناقابلِ تسخير بڻائڻ لاءِ قوم کي اتحاد، نظم ۽ قومي يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. سندس پيغام جو مرڪزي خيال اهو هو ته سنڌ جي ڌرتيءَ تان پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ وحدت جي تحفظ جو عزم جاري رهندو.

وڏي وزير جي پيغام ۾ سنڌ جي ساموندي اهميت پڻ نمايان آهي. هن چيو ته سنڌ جا بندرگاهه ۽ ساموندي پٽي پاڪستان جي دفاع ۾ انتهائي اهم حيثيت رکن ٿا ۽ ساموندي محاذ تي بحري فوج جي جوانن پڻ دشمن جي ارادن کي ناڪام بڻايو. ان ڳالهه مان واضح ٿئي ٿو ته قومي دفاع جو دائرو زميني سرحدن کان گهڻو وسيع آهي. ساموندي وسيلن، بندرگاهن، توانائي جي ذريعن ۽ واپاري رستن جي حفاظت به قومي سلامتي جو اهم حصو آهي.

صدر آصف علي زرداري پنهنجي پيغام ۾ پڻ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته 6 سيپٽمبر اسان کي انهن بهادر سپوتن جي قربانين جي ياد ڏياري ٿو جن 1965ع ۾ ملڪ جي دفاع لاءِ غير معمولي عزم، جرئت ۽ فرض شناسيءَ جو مظاهرو ڪيو. صدر شهيدن ۽ غازين جي خاندانن کي به خراجِ عقيدت پيش ڪندي چيو ته شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ هميشه مشعلِ راهه رهنديون.

هن سال 6 سيپٽمبر جي اهميت ان ڪري به وڌي وئي آهي جو قومي سطح تي تازين دفاعي حالتن ۽ معرڪ حق کي پڻ 1965ع جي قومي جذبي جي تسلسل طور ياد ڪيو ويو. سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو ته 6 سيپٽمبر قومي اتحاد ۽ اجتماعي قوت جي علامت آهي ۽ متحد قوم جي عزم کي دنيا جي ڪا به طاقت شڪست نٿي ڏئي سگهي. هن شهيدن، غازين ۽ انهن جي خاندانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته 1965ع ۾ قوم ۽ هٿياربند فوجن دشمن جا ارادا ناڪام بڻايا ۽ شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعلِ راهه آهن.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ شهيدن، غازين ۽ هٿياربند فوجن جي جوانن کي

خراج عقيدت پيش ڪيو. هن چيو ته قوم انهن هيروز کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي، جن وطن جي دفاع، خودمختياري ۽ قومي وقار لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. هن شهيدن جي خاندانن، خاص ڪري والدين، زالن ۽ ٻارن جي قربانين کي به سلام پيش ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري دفاع کي رڳو فوجي طاقت سان نه، پر قومي اتحاد، جمهوريت، آئيني بالادستي ۽ سماجي انصاف سان پڻ ڳنڍيو ۽ چيو ته عوام ملڪ جي سڀ کان وڏي طاقت آهي.

دفاع وطن جي تصور ۾ شهيدن جي خاندانن جي سارسنڀال به هڪ اهم قومي ذميواري آهي. جيڪي خاندان پنهنجا پيارا ملڪ جي دفاع لاءِ قربان ڪن ٿا، انهن جي عزت، تحفظ ۽ ڀلائي سماج ۽ رياست جي گڏيل ذميواري هجڻ گهرجي. شهيد جي قربانيءَ کي صرف هڪ ڏينهن ياد ڪرڻ بدران انهن جي خاندانن جي تعليم، صحت، روزگار ۽ سماجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ئي قربانيءَ جو حقيقي احترام آهي. اسان کي اهڙو سماج جوڙڻ گهرجي، جتي شهيدن جا خاندان پاڻ کي اڪيلو محسوس نه ڪن، پر پوري قوم کي پنهنجي خاندان وانگر پنهنجو پرجهلو بڻيل ڏسن.

6 سيپٽمبر نوجوان نسل لاءِ پڻ خاص پيغام رکي ٿو. اڄ جا نوجوان ملڪ جي آباديءَ جو وڏو حصو آهن ۽ ايندڙ ڏهاڪن جي قيادت سندن هٿن ۾ هوندي. انهن کي تاريخ جي واقعن کان واقف ڪرائڻ سان گڏ اهو به سمجهائڻ ضروري آهي ته وطن سان محبت رڳو نعرا هڻڻ جو نالو ناهي. وطن سان حقيقي محبت ايمانداري، قانون جي پاسداري، علم حاصل ڪرڻ، محنت ڪرڻ، عوامي ملڪيت جي حفاظت، اختلاف راءِ کي برداشت ڪرڻ ۽ معاشري ۾ انصاف ۽ برابري کي هٿي ڏيڻ سان ظاهر ٿئي ٿي. جڏهن نوجوان پنهنجي ذميوارين کي سمجهندا آهن ته قومي دفاع جو تصور وڌيڪ وسيع ۽ مضبوط ٿي ويندو آهي.

سکر ۾ 6 سيپٽمبر جي موقعي تي ٿيل واڪ ۽ قومي جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب پڻ ان اجتماعي جذبي جي خوبصورت تصوير پيش ڪئي. چونڊيل نمائندن، انتظاميا، نوجوانن، واپاري برادري، سماجي ڪارڪنن، صحافين ۽ عام شهرين جي شرڪت مان ظاهر ٿئي ٿو ته قومي ڏينهن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۽ گڏيل قومي شعور پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو بڻجي سگهن ٿا. اهڙيون تقريبون تڏهن وڌيڪ اثرائتيون بڻجن ٿيون، جڏهن انهن کي رڳو رسمي سرگرمي تائين محدود رکڻ بدران نوجوانن جي تعليم، تاريخي شعور ۽ قومي ذميواري سان ڳنڍيو وڃي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا لمحا آيا آهن جڏهن قوم سخت آزمائشن مان گذري آهي. هر اهڙي موقعي تي قومي اتحاد ملڪ جي سڀ کان وڏي طاقت ثابت ٿيو آهي. 6 سيپٽمبر جو پيغام پڻ اهو ئي آهي ته اختلافن جي باوجود قومي مفادن تي اتفاق پيدا ڪرڻ ضروري آهي. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر ملڪ جي سلامتي، خودمختياري، عوام جي عزت ۽ قومي وحدت اهڙا بنيادي قدر آهن، جن تي وسيع اتفاق هجڻ گهرجي.

اڄ جڏهن اسان شهيدن ۽ غازين کي سلام پيش ڪريون ٿا ته اسان کي پنهنجي مستقبل بابت پڻ سوچڻ گهرجي. اسان جي عظيم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پنهنجي وقت جي سڀ کان وڏي قرباني ڏئي اسان لاءِ آزاد فضا، قومي خودمختياري ۽ ملڪ جي سلامتي جو دفاع ڪيو. هاڻي اسان جي ذميواري آهي ته ان آزاديءَ کي علم، معاشي ترقي، سماجي انصاف، امن، برداشت ۽ ادارن جي مضبوطي ذريعي وڌيڪ محفوظ بڻايون. مضبوط دفاع سان گڏ مضبوط معيشت، معياري تعليم، بهتر صحت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ انصاف تي ٻڌل سماج ئي ڪنهن ملڪ کي حقيقي معنيٰ ۾ مضبوط بڻائين ٿا.

شهيدن جون قربانيون اسان جو قومي ورثو آهن، غازين جي بهادري اسان جو فخر آهي ۽ پاڪستان جي مضبوط، پرامن ۽ خوشحال مستقبل جي تعمير اسان جي گڏيل ذميواري آهي.

راشد علي

# سنڌ ۾ ڊجيٽل طبي رڪارڊ متعارف ڪرائڻ جو منصوبو

سنڌ ۾ صحت جي شعبي کي جديد، تيز ۽ وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جو استعمال هڪ اهم مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي. صحت واري شعبي ۾ برقي طبي رڪارڊ، ذهني صحت جون سهولتون، ٽيلي هيلٿ، سيني جي ڪينسر جي شروعاتي سڃاڻپ ۽ انتهائي نگهداشت جي سهولتن کي بهتر بڻائڻ بابت سنڌ حڪومت جون تازيون ڪوششون ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهن تہ هاڻي صحت جون خدمتون رڳو اسپتالن، ڊاڪٽرن ۽ دوائن تائين محدود نہ رهنديون پر صحيح معلومات ۽ جديد ٽيڪنالاجي بہ علاج جو بنيادي حصو بڻجندي. صحت واري صوبائي وزير



ڊاڪٽر عذرا پيچوهو موجب سنڌ حڪومت برقي طبي رڪارڊ متعارف ڪرائڻ سان گڏ ذهني صحت ۽ ڪينسر جهڙين بيمارين جي جلد سڃاڻپ تي بہ خاص ڌيان ڏئي رهي آهي.

سنڌ لاءِ صحت جي رڪارڊ کي ڊجيٽل بڻائڻ جي اهميت ان ڪري بہ وڌيڪ آهي جو صوبي جي آبادي 2023ع جي ڊجيٽل آدمشماري موجب 5 ڪروڙ 56 لک 90 هزار تائين پهچي چڪي آهي ۽ آباديءَ ۾ سالياني واڌ جي شرح 2.57 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. ايتري وڏي آبادي لاءِ صحت جون خدمتون منظم ڪرڻ، هر مريض جي بيماريءَ جي تاريخ محفوظ رکڻ، مختلف اسپتالن ۾ علاج دوران اڳوڻا رڪارڊ دستياب ڪرائڻ ۽ بيمارين جي رجحانن جو صحيح اندازو لڳائڻ روايتي ڪاغذي نظام سان انتهائي ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري برقي طبي رڪارڊ رڳو ڪمپيوٽر تي فائل ٺاهڻ جو نالو نہ پر سڄي صحت واري نظام کي معلومات جي بنياد تي هلائڻ جو هڪ نئون طريقو آهي.

برقي طبي رڪارڊ مان مراد مريض جي صحت بابت معلومات کي محفوظ، منظم ۽ ضرورت وقت دستياب رکڻ آهي. ان ۾ مريض جو نالو ۽ بنيادي چارٽ، اڳوڻين بيمارين، تشخيص، ليبارٽري ٽيسٽ، دوائون، الرجي، آپريشن، ڊاڪٽرن جون صلاحون ۽ علاج جي اڳيرائي شامل ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪو مريض هڪ اسپتال مان ٻي اسپتال منتقل ٿئي يا ڪنهن ماهر ڊاڪٽر وٽ وڃي تہ سندس اڳوڻو رڪارڊ موجود هجڻ ڪري ڊاڪٽر کي ٻيهر ساڳيا سوال، ٽيسٽون يا علاج شروع ڪرڻ جي ضرورت گهٽجي سگهي ٿي. اهڙي نظام سان وقت ۽ خرچ ٻنهي جي بچت ٿيڻ سان گڏ علاج بابت وڌيڪ درست فيصلا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

صحت کاتو اڳ ئي صحت جي انتظام کي ڊجيٽل بڻائڻ لاءِ مختلف نظام استعمال ڪري رهيو آهي. سرڪاري معلومات موجب صحت کاتي وٽ اثاثن جي انتظام، ترقياتي منصوبن ۽ بجيٽ جي نگراني، برقي فائل ۽ دستاويزن کي محفوظ رکڻ، انساني وسيلن جي انتظام، صحت جي سهولتن جي چارٽ، دوائن جي ذخيري جي نگراني ۽ ايچ آءِ وي جي اسڪريننگ جي انگن اکرن لاءِ مختلف ڊجيٽل نظام موجود

آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته برقي طبي رڪارڊ جو منصوبو ڪنهن هڪ الڳ قدم بدران صحت جي شعبي جي وسيع ڊجيٽل تبديليءَ جو حصو بڻجي سگهي ٿو.

سنڌ ۾ صحت جي سهولتن جو نيٽ ورڪ به تمام وسيع آهي. صحت کاتي جي سرڪاري چارٽ موجب صوبي ۾ 9,381 کان وڌيڪ ڊاڪٽر، 2,705 نرسون، 24 هزار کان وڌيڪ پيرا ميڊيڪل عملي جا ماڻهو ۽ 21 هزار کان وڌيڪ ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ لاڳاپيل عملي جا ماڻهو خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن. ان کان علاوه 8 تدريسي اسپتالون، 20 خاص اسپتالون، 16 ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتالون، 27 وڏيون اسپتالون، 50 تعلقي اسپتالون، 147 ڳوٺاڻا صحت مرڪز، 772 بنيادي صحت مرڪز، 1,499 ڊسپينسريون، 107 ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز ۽ 29 ويم گهرن جو چاٽايل نيٽ ورڪ موجود آهي. ايتري وسيع نظام ۾ جيڪڏهن مريضن ۽ صحت جي خدمتن جو ڊيٽا هڪ مربوط ڊجيٽل نظام سان ڳنڍجي وڃي ته منصوبابندي ۽ نگراني وڌيڪ اثرائتي ٿي سگهي ٿي.

ورلڊ بئنڪ جي مطالعي موجب سنڌ ۾ خانگي شعبي جو صحت جي خدمتن ۾ ڪردار به اهم آهي. صوبي ۾ تقريباً 78 سيڪڙو معمول جي ٻاهرين مريضن جون خدمتون خانگي شعبي مان حاصل ٿين ٿيون، جيڪا پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ شرح آهي. اهڙي صورتحال ۾ سرڪاري ۽ خانگي صحت مرڪزن جي معلومات کي مناسب معيارن تحت ڳنڍڻ مستقبل جي اهم ضرورت بڻجي وڃي ٿي. جيڪڏهن مريض جو رڪارڊ رڳو هڪ اسپتال تائين محدود رهڻ بدران اجازت ۽ قانوني تحفظ سان مختلف صحت مرڪزن تائين پهچي سگهي ته علاج سان وڌيڪ بهتر تسلسل جاري رهي سگهي ٿو.

ڊجيٽل رڪارڊ جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته صحت کاتي وٽ بيمارين بابت وڌيڪ صحيح ۽ بروقت انگ اکر موجود هوندا. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن ضلعي ۾ ذيابيطس، بلڊ پريشر، هيپاٽائٽس، ٽي بي يا ٻين بيمارين جا ڪيس تيزي سان وڌن ٿا ته ڊجيٽل ڊيٽا ذريعي ان رجحان جي جلد نشاندهي ٿي سگهي ٿي. اهڙي معلومات جي بنياد تي دوائن جي فراهمي، طبي عملي جي مقرري، ليبارٽري سهولتن ۽ آگاهي مهمن بابت فيصلا اندازي بدران حقيقتن جي بنياد تي ڪري سگهجن ٿا. صحت واري عالمي اداري پڻ صحت جي معلوماتي نظام کي اهڙي طريقي سان مربوط ۽ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، جنهن سان ڊيٽا گڏ ڪرڻ، تجزيو ڪرڻ ۽ ان کي صحت جي خدمتن جي انتظام لاءِ استعمال ڪرڻ بهتر بڻجي.

برقي طبي رڪارڊ ذهني صحت جي شعبي ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سنڌ حڪومت ذهني بيمارين جي شروعاتي سڃاڻپ لاءِ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي ڊپريشن ۽ ٻين نفسياتي مسئلن جون علامتون سڃاڻڻ جي تربيت ڏيڻ جو منصوبو رکي ٿي، خاص ڪري ٻار ڄڻڻ کان پوءِ عورتن ۾ ذهني صحت جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ پڻ پروگرام جو حصو آهي. ان سان گڏ ذهني صحت بابت هڪ جامع ۽ قابل اعتماد ڊيٽا رجسٽري قائم ڪرڻ ۽ نفسيات جي ماهرن، ڪلينڪل نفسيات جي ماهرن ۽ ڪميونٽي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن اهڙي معلومات محفوظ طريقي سان ڊجيٽل رڪارڊ ۾ شامل ٿئي ته مريض جي ذهني صحت بابت علاج جو تسلسل برقرار رکڻ وڌيڪ آسان ٿي سگهي ٿو.

ٽيلي هيلٿ ۽ ٽيلي ٿراپي به هن تبديليءَ جو اهم حصو بڻجي سگهن ٿا. سنڌ جي ڪيترن ئي پري وارن ضلعن ۾ ماهر ڊاڪٽرن ۽ نفسياتي ماهرن جون سهولتون محدود آهن. جيڪڏهن ڊجيٽل نظام، وڊيو صلاح مشوري ۽ محفوظ طبي رڪارڊ کي گڏ ڪيو وڃي ته ڪنهن ڏورانهين علائقي جو مريض وڏي شهر تائين سفر ڪرڻ کانسواءِ ماهر ڊاڪٽر سان صلاح مشورو ڪري سگهي ٿو. حڪومت پڻ ذهني صحت جون ٽيلي هيلٿ ۽ ٽيلي ٿراپي خدمتون ضلعن تائين وڌائڻ تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ هيءُ قدم خاص طور تي عورتن، بزرگن، معذور ماڻهن ۽ پري علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ فائديمند ٿي سگهي ٿو.

چاتين جي ڪينسر جي شروعاتي سڃاڻپ به هن ڊجيٽل تبديليءَ سان لاڳاپيل آهي. حڪومت آگاهي مهمن ذريعي عورتن کي سيني ۾ ڳوڙهي يا غير معمولي تبديليءَ جي شروعاتي سڃاڻپ بابت ڄاڻ ڏيڻ ۽ ڪميونٽي جي صحت ڪارڪنن کي خاص تربيت ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي. جيڪڏهن اسڪريننگ، تشخيص ۽ علاج جو رڪارڊ منظم نموني محفوظ ٿئي ته مريضن جي اڳيرائي تي نظر رکڻ، بيهر چڪاس جو وقت ياد رکڻ ۽ علاج ۾ وقفو اچڻ کان بچاءُ ممڪن ٿي سگهي ٿو تنهن هوندي به ڊجيٽل صحت جو نظام صرف ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ فراهم ڪرڻ سان ڪامياب نٿو ٿي سگهي. ڊيٽا جي رازداري، مريض جي اجازت، سائبر تحفظ، مختلف نظامن وچ ۾ معلومات جي منتقلي، تربيت يافته عملي ۽ قابل اعتماد انٽرنيٽ بنيادي ضرورتون آهن. پاڪستان بابت صحت واري عالمي اداري جي پراڻي جائزي ۾ برقي صحت جي رڪارڊ جي رازداري، مختلف صحت مرڪزن وچ ۾ ڊيٽا جي منتقلي ۽ مريضن کي پنهنجي برقي صحت جي معلومات تائين رسائي بابت قانوني فريم ورڪ ۾ ڪوتاهيون ظاهر ڪيون ويون هيون. تنهن ڪري سنڌ ۾ نئين نظام سان گڏ مضبوط رازداري ۽ تحفظ جا اصول به لازمي طور تي لاڳو ٿيڻ گهرجن.

ٻيو وڏو مسئلو ڊجيٽل فرق آهي. شهرن ۾ تيز انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر جون سهولتون موجود هجڻ باوجود ڪيترن ڳوٺاڻن علائقن ۾ بجلي، انٽرنيٽ، ڊوائيسز ۽ تربيت يافته عملي جون سهولتون محدود ٿي سگهن ٿيون. تنهن ڪري نظام اهڙو هجڻ گهرجي، جيڪو گهٽ انٽرنيٽ وارن علائقن ۾ به ڪم ڪري سگهي. صحت واري عالمي اداري جي هڪ پاڪستاني مثال ۾ برقي ڊيٽا نظام اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جو ذڪر آهي، جنهن ۾ انٽرنيٽ موجود نه هئڻ وقت معلومات محفوظ ڪري پوءِ رابطي جي سهولت ملڻ تي مرڪزي نظام ڏانهن موڪلي سگهجي ٿي. سنڌ جهڙي وسيع صوبي لاءِ اهڙي عملي سوچ خاص اهميت رکي ٿي.

> سنڌ لاءِ صحت جي رڪارڊ کي ڊجيٽل بڻائڻ جي اهميت ان ڪري به وڌيڪ آهي جو صوبي جي آبادي 2023ع جي ڊجيٽل آدمشماري موجب 5 ڪروڙ 56 لک 90 هزار تائين پهچي چڪي آهي ايتري وڏي آبادي لاءِ صحت جون خدمتون منظم ڪرڻ، هر مريض جي بيماريءَ جي تاريخ محفوظ رکڻ، علاج دوران اڳوڻا رڪارڊ دستياب ڪرائڻ ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري برقي طبي رڪارڊ رڳو ڪمپيوٽر تي فائل ٺاهڻ جو نالو نه، پر سڄي صحت واري نظام کي معلومات جي بنياد تي هلائڻ جو هڪ نئون طريقو آهي.

برقي طبي رڪارڊ جو اصل مقصد ڪاغذ کي ڪمپيوٽر ۾ تبديل ڪرڻ نه، پر مريض کي بهتر، محفوظ ۽ بروقت علاج فراهم ڪرڻ هجڻ گهرجي. سنڌ وٽ اڳ ئي وسيع صحت نيٽ ورڪ، وڏي انساني قوت ۽ مختلف ڊجيٽل انتظامي نظام موجود آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن نظامن کي مرحليوار هڪ ٻئي سان ڳنڍيو اهڙو صحت معلوماتي ڍانچو تيار ڪيو وڃي، جيڪو سرڪاري ۽ قانوني گهرجن مطابق محفوظ، قابل اعتماد ۽ هر ضلعي تائين پهچندڙ هجي. جيڪڏهن برقي طبي رڪارڊ سان گڏ ٽيلي هيلٿ، ذهني صحت جي رجسٽري، بيمارين جي نگراني، دوائن جي انتظام ۽ صحت ڪارڪنن جي ڊيٽا کي مربوط ڪيو وڃي ته سنڌ جو صحت وارو نظام وڌيڪ موثر، انگن اکرن جي بنياد تي ٻڌل ۽ مريض دوست بڻجي سگهي ٿو. صحت واري عالمي اداري جي موجوده حڪمت عملي به مربوط، هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ ثبوتن جي بنياد تي صحت معلوماتي نظام کي عالمي صحت جي بهتر انتظام لاءِ ضروري قرار ڏئي ٿي. سنڌ ۾ صحت جي ڊجيٽل تبديلي ان ڪري صرف ٽيڪنالاجي جو منصوبو نه، پر اهڙي انتظامي سڌاري جي شروعات آهي، جنهن سان صحيح وقت تي صحيح مريض لاءِ صحيح علاج جي اميد وڌيڪ يقيني ٿي سگهي ٿي.

ياسر خاصخيلي

# مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌ اندر سرڪاري ڀرتين ۾ امتحاني نظام ۾ نئين دور جي شروعات

سنڌ حڪومت سرڪاري ڀرتين ۾ مقابلي وارن امتحانن جي نظام کي جديد، تيز، شفاف ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڀرتي ۽ امتحاني عمل ۾ مصنوعي ذهانت، يعني آرٽيفيشل انٽيليجنس، متعارف ڪرائڻ جو فيصلو موجوده دور جي ضرورتن سان گڏ سنڌ ۾ ڊجيٽل حڪمرانيءَ جي وڌندڙ رجحان جي عڪاسي ڪري ٿو. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ هن اهم منصوبي جي مختلف پاسن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ وڏي وزير جي انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت خاص مددگار، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين، انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي جي سيڪريٽري ۽ سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر شرڪت ڪئي.

اجلاس دوران اهو طئي ڪيو ويو ته مصنوعي ذهانت ۽ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي مدد سان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحاني نظام کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻايو ويندو. سواليه پرچن جي تياري، اميدوارن جي اسيسمينٽ، امتحاني ڊيٽا جي انتظام ۽ ٻين انتظامي مرحلن ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو ورتو ويندو. ان سان گڏ امتحاني عمل جي انهن مرحلن ۾، جتي غيرضروري انساني مداخلت سبب وقت وڌيڪ لڳي ٿو يا غلطيءَ جا امڪان پيدا ٿين ٿا، اتي مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪم کي خودڪار ۽ تيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. تنهن هوندي به، هن سڄي عمل ۾ ميرٽ، شفافيت، انصاف ۽ انساني نگرانيءَ کي بنيادي اهميت حاصل رهندي.




سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن صوبائي سرڪاري ادارن لاءِ قابل ۽ اهل اميدوارن جي چونڊ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هزارين نوجوان هر سال مختلف سرڪاري عهدن لاءِ مقابلي وارن امتحانن ۾ شرڪت ڪن ٿا. انهن اميدوارن لاءِ امتحاني نظام جي شفافيت ۽ ميرٽ انتهائي اهم آهن، ڇاڪاڻ ته سرڪاري نوڪري انهن جي مستقبل، معاشي استحڪام ۽ عوامي خدمت سان ڳنڍيل هوندي آهي. ان ڪري امتحاني عمل ۾ ڪنهن به قسم جي غيرضروري دير، انتظامي غلطي يا شفافيت بابت شڪ اميدوارن جي اعتماد کي متاثر ڪري سگهي ٿو. جديد ٽيڪنالاجيءَ جو مناسب استعمال اهڙن مسئلن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

مصنوعي ذهانت دنيا جي مختلف شعبن ۾ تيزيءَ سان استعمال ٿي رهي آهي. تعليم، صحت، ڪاروبار، صنعت، ماليات ۽ سرڪاري انتظام سميت ڪيترن ئي شعبن ۾ وڏي مقدار ۾ موجود معلومات کي منظم ڪرڻ، ان جو تجزيو ڪرڻ ۽ ڪم جي رفتار وڌائڻ لاءِ مصنوعي ذهانت کان فائدو ورتو پيو وڃي. سرڪاري ادارن ۾ ان جي استعمال سان ڊيٽا جي

انتظام، عوامي خدمتن، منصوبابندي ۽ انتظامي ڪارڪردگي ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي. سنڌ حڪومت پاران سرڪاري ڀرتين ۽ امتحانن ۾ مصنوعي ذهانت متعارف ڪرائڻ جو فيصلو پڻ انهيءَ عالمي ٽيڪنالاجي واري تبديليءَ سان گڏ هلڻ جي ڪوشش آهي.

امتحاني نظام ۾ سوالن جي تياري هڪ انتهائي اهم ۽ حساس مرحلو هوندو آهي. سواليہ پرچا اهڙي نموني تيار ڪرڻ ضروري آهن، جو اهي مقرر ڪيل نصاب، اميدوارن جي علمي سطح ۽ امتحان جي مقصدن سان مڪمل طور مطابقت رکن. مصنوعي ذهانت ڪي مناسب انساني نگرانيءَ سان استعمال ڪرڻ سان سوالن جي مواد ڪي منظم ڪرڻ، مختلف موضوعن مان سوالن جي چونڊ ۾ مدد وٺڻ، ورجاءَ ڪي سڃاڻڻ ۽ سوالن جي ڊيٽا ڪي محفوظ انداز ۾ ترتيب ڏيڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو. ان سان سواليہ پرچا تيار ڪرڻ وارو عمل وڌيڪ منظم ۽ وقت بچائيندڙ بڻجي سگهي ٿو جڏهن تہ آخري منظوري ۽ ذميواري ماهرن وٽ رهندي.

اسيسمينٽ ۽ امتحاني ڊيٽا جي انتظام ۾ پڻ جديد ٽيڪنالاجي اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. جڏهن وڏي تعداد ۾ اميدوار امتحان ڏين ٿا تہ انهن جي معلومات، امتحاني رڪارڊ، نتيجن ۽ ٻي ڊيٽا ڪي منظم رکڻ هڪ پيچيده ڪم بڻجي سگهي ٿو. دستي نظام ۾ ڊيٽا داخل ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ جانچڻ دوران انساني غلطيءَ جو امڪان موجود رهندو آهي. مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل نظام اهڙي ڊيٽا ڪي تيزيءَ سان ترتيب ڏيڻ ۽ مختلف مرحلن ۾ درستگي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. ان سان نتيجن جي تياري ۽ انتظامي عمل ۾ وقت جي بچت پڻ ٿي سگهي ٿي.

چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهہ واضح ڪيو تہ مصنوعي ذهانت جو مقصد انساني ڪردار ڪي ختم ڪرڻ نہ، پر امتحاني نظام ڪي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ آهي. ڪجهہ اهڙا مرحلا، جيڪي بار بار ٿيندڙ دستي ڪم تي ٻڌل آهن، انهن ڪي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي آسان بڻائي سگهجي ٿو. ان سان انساني وسيلن ڪي وڌيڪ اهم ۽ فيصلائتين ذميوارين لاءِ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملندو.

هن منصوبي ۾ ميرٽ ۽ شفافيت ڪي بنيادي اهميت ڏيڻ خاص طور تي ضروري آهي. سرڪاري ڀرتين جو نظام ماڻهن جي مستقبل سان لاڳاپيل هوندو آهي، تنهن ڪري مصنوعي ذهانت جي استعمال دوران ڪنهن بہ اميدوار سان ناانصافي نہ ٿيڻ گهرجي. ٽيڪنالاجيءَ کي اهڙي طريقي سان استعمال ڪرڻو پوندو جنهن ۾ سڀني اميدوارن لاءِ هڪجهڙا اصول لاڳو ٿين. امتحاني نظام ۾ استعمال ٿيندڙ سافٽ ويئر، ڊيٽا ۽ خودڪار عملن جي باقاعده نگراني پڻ ضروري هوندي تہ جيئن ڪنهن فني غلطي يا غيرجانبداريءَ جي صورت ۾ بروقت قدم کڻي سگهجي.

ڊيٽا جي حفاظت هن نئين نظام جو هڪ ٻيو اهم پاسو هوندو. اميدوارن جي درخواستن، ذاتي معلومات، تعليمي قابليت، امتحاني رڪارڊ ۽ نتيجن سان لاڳاپيل معلومات حساس نوعيت جي هوندي آهي، تنهن ڪري مصنوعي ذهانت سان گڏ مضبوط سائبر سيڪيورٽي، محفوظ ڊيٽا مرڪز، محدود رسائي ۽ معلومات جي رازداريءَ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. سنڌ حڪومت پاران هن ٽيڪنالاجي کي مرحليوار ۽ مناسب حفاظتي قدمن سان متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ان لحاظ کان اهم آهي.

هن منصوبي جو هڪ نمايان حصو سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ٽيڪنالاجيءَ سان ليس ورڪ اسٽيشنون قائم ڪرڻ بہ آهي. سنڌ هڪ وڏو صوبو آهي، جتي ڪيترائي نوجوان ڏورانهن ضلعن ۽ ٻهراڙين مان سرڪاري امتحانن ۾ شرڪت ڪن ٿا. هر اميدوار لاءِ ڪراچي يا ڪنهن وڏي شهر تائين سفر ڪرڻ آسان نہ هوندو آهي. سفر جا خرچ، وقت، رهائش ۽ ٻين انتظامي مسئلن سبب ڪيترائي اميدوار اضافي مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا. جيڪڏهن جديد امتحاني سهولتون مختلف علائقن تائين پهچايون وڃن تہ نوجوانن کي پنهنجي ويجهو جديد امتحاني ماحول فراهم ڪري سگهجي ٿو.

ٽيڪنالاجيءَ سان ليس ورڪ اسٽيشنون خاص

ڪري سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن جي اميدوارن لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهڙين سهولتن سان امتحانن ۾ شرڪت لاءِ جاگرافيائي فاصلو گهٽجي سگهي ٿو ۽ مختلف علائقن جي نوجوانن کي وڌيڪ برابر موقعا ملي سگهن ٿا. البت، انهن مرڪزن لاءِ بجلي، انٽرنيٽ، سائبر سيڪيورٽي، فني عملي ۽ متبادل انتظامن کي يقيني بڻائڻ پڻ ضروري هوندو.

ريسڪيو 1122 جا اهلڪار انهن خاندانن لاءِ اميد جي علامت آهن، جيڪي ڪنهن حادثي يا هنگامي صورتحال ۾ مدد جا منتظر هوندا آهن. هڪ ايمبوليئنس جو بروقت پهچڻ، فائر فائٽر جو باهه ۾ داخل ٿيڻ، ٻوڏ جو پاڻيءَ ۾ لهڻ يا ريسڪيو اهلڪار جو ملبي هيٺ دٻيل ماڻهو تائين پهچڻ انساني خدمت جو بهترين مثال آهي.

حقيقت اها آهي ته حادثو وقت ڏسي نٿو اچي، پر مدد وقت تي ضرور پهچڻ گهرجي. 1122 تي ڪيل هڪ فون ڪال ڪنهن زخميءَ لاءِ زندگي، ڪنهن خاندان لاءِ اميد ۽ ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل انسان لاءِ نئين شروعات بڻجي سگهي ٿي. سنڌ ۾ ريسڪيو 1122 جو وڌندڙ نيٽ ورڪ ان عزم جو اظهار آهي ته هنگامي حالت ۾ ڪو به شهري پاڻ کي اڪيلو محسوس نه ڪري. جديد نظام، تربيت يافته عملي ۽ عوامي سهڪار سان هي سروس سنڌ ۾ محفوظ ۽ فوري هنگامي خدمتن جي مضبوط بنياد کي وڌيڪ مستحڪم ڪري سگهي ٿي ۽ ريسڪيو 1122 جو مقصد به اِهوئي آهي.

# شاعِري



## سرور سيف

تون جي وڇڙين تہ،ڇا نہ ٿيو پيارا
نيڻ نستا، جي ٿي پيا نيسارا

ياد تنهنجي نہ وسري يار سگهي
پيار ڏئي نہ سگهيو ڪو تو وارا

تتل ڏرتي ۾ هو نيڻگري تنها
سمنڊ ماڻهن جو ڏسو ۾ ڏسو نعرا

اداس شهر ۾ ڏس چنڊ ٿو پيو اپري
اجهو اجهو ٿا مرن نانگ نود ناڪارا

ڪيت منهنجا ۾ ڪيڙيان پيي مان
پڇي پوڪ تہ پٽي هو تارا

بند ڦاٽڪ ڪليو ۾ چاڻ ڪليو
ڪو اڇي جام مون پيار پيارا

هي اڄ سيف ڇا ٿو ٿئي مون ڪي
آيو جي هي تہ جڻ ڪليا ڇارا

## عـــاطف جـاني

## غزل

ايڏيـــــون اُداس اڪڙيون
جڻ ڪو انگاس اڪڙيون

خوشبـــوءِ جو استعـــارو
وارن جــــو واس اڪڙيون

پٿـــــر مـــــان تاهـِ آذر
مون لاءِ ڪي خاص اڪڙيون

اَوڊي گـهـمـان ٿـو آنءُ
لاٽـــل لـبـاس اڪڙيون

پاڻـــيءَ ۾ پُورجي ويون
دل جون حساس اڪڙيون

ٽوڙي ڇڏيندين جلد ئي،
خالـــي گلاس اڪڙيون

ڪاڏي ڪٽي وئين عاطف؟
پنهنجون نراس اڪڙيون

## صاحب خان ٻنڀ

## غزل

مون ڪان تون پهريون پيار نہ گُهر
وڇڙي جو ويو سو اهو يار نہ گهر

وفائن جي بدلي مِليون جفائون
زماني ڪان داد جو هار نہ گُهر

ملي پيار جي سزا هڪ دفعو ئي
پر هاڻي تون هر بار، بار نہ گهر

پيار پراڻو نہ ٿيندو آ سڪي پر
دل چوي ٿي هر يار، يار نہ گهر

جيڪو نہ وڙهي هن سنڌ خاطر
رب ڪان ڪو اهڙو ٻيو ٻار نہ گهر

سِڪ "صاحب" ۾ آ سمائجي وئي
ڪنهن ٻئي جو هاڻي اعتبار نہ گُهر



## اشرف پلي

پاڻ گدري مثل وقت ڪاتي جيان
درد دل ۾ رهيو گهر جي ياتي جيان

تنهنجي ساهن سندي مئڪشي مون ڪئي
چانئجي تون وئين مڌ ماتي جيان

زهر تيندين وبون اج بہ چاندوڪيون
اج بہ دل کي وديو تانگهہ ڪاتي جيان

تنهنجي آنچل ۾ تئي نند رولي وريا
نيڻ پاگل هيا دل اجاتي جيان

ڪيترين ئي صدين نيڻ ٻوتي ڇڏيا
درد پر آ اُيو تنهنجي چاتي جيان

## ڊاڪٽر خادم منگي

### وائي

آئون اڪيلو ئي وڻجارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

منهنجو شاهد پوڙو چنڊ
منهنجو شاهد گونگو تارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

تو وٽ سيءُ رڳو ئي ناهي
هتڙي يي پوندو آ پارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

چر تي ٻيڙو چوڙي ڇڏيو
گهر ۾ ڪيسين ڪريان آرو؟
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

منهنجو نفعو چئن ٽڪن جو
منهنجو گهاٽو جيون سارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

واڳن سان مان ڪيئن وڙهيو هان
طوفانن تي تي سوپارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

هڙ بچائي ڪيئن رکي آ
ڪيئن قذاقن جو منهن ڪارو؟
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

تنهنجي ڳل جو ڳهٽو گهڙجي
واهوندن ۾ ورندو وارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

تون بس تڙ تي بيني هئينءَ
مون کي مليو ڪو نہ ڪنارو
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

ڪيئن ٻڏو هو ٻيڙو منهنجو
ڪيئن وهي ويو مون تي ڪارو؟
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

سيني سمنڊ سمايو جيڏو
ايڏو ئي ارمان آ يارو!
منهنجي ڪنهن يي ڳالهہ نہ ڪئي

## فرحان تنيو

انت جي اوني ورايو آ
سمجهان تو مان ساهہ پرايو آ

موت اچي ڪندو ختم
هي مستي منهنجي اجايو آ

خواب سپ دنيا جا خالي
جيون نہ ڪنهن سان نيايو آ

ڳڏ رهندي آخر ڪيستائين
زندگيءَ ڪونہ ٻڌايو آ

پراسراريت پري تائين
سال نہ ڪو سجايو آ

سدائين ساهہ کي ويجهو
ها بس موت جو سايو آ

2

پرينءَ جي پاڙي پهتو آهيان
هر غم لتاڙي پهتو آهيان

خوشيون جيڪي ملٽيون آهن
تن کي تاڙي پهتو آهيان

ڪيئي ڪندا هئا راهن ۾
سيئي ساڙي پهتو آهيان

وسري جي ويا ها رستا
تن ڏي رخ لاڙي پهتو آهيان

پل هڪ ئي پيرو ملي وڃي هو
آئون الاڙي پهتو آهيان

الله نہ ڏي عشق ۾ ناڪامي
پاڻ اجاڙي پهتو آهيان

# سنڌي ٿيئٽر جي بحاليءَ ڏانهن هڪ اهم قدم

ڪراچيءَ جهڙي وڏي ۽ گهڻ رخي شهر ۾ جتي مختلف ٻوليون، ثقافتون ۽ فڪري روايتون گڏجي هڪ نئين سماجي صورت جوڙين ٿيون، اتي فن ۽ ادب سان لاڳاپيل سرگرميون ماڻهن کي پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. فن رڳو وندر جو ذريعو ناهي پر اهو انسان جي سوچ، احساسن ۽ رويّن تي اثر ڇڏيندڙ هڪ اهڙو وسيلو آهي جيڪو سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ٿيئٽر به فن جي انهن ئي شعبن مان هڪ آهي جيڪو ماڻهن جي سامهون زندگيءَ جا مختلف رنگ، سماجي مسئلا، انساني رشتا ۽ معاشري جون حقيقتون نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري ٿو.

اهڙي ئي مقصد سان آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي پاران ”ويس ڏاري سنڌي ٿيئٽر فيسٽيول 2026ع“ منعقد ڪيو ويو جنهن سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ اسٽيج ڊرامي جي حوالي سان هڪ اهم سرگرميءَ جي صورت اختيار ڪئي. 19 آگسٽ کان 27 آگسٽ 2026ع تائين جاري رهندڙ هن ميلي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن تي ٻڌل اٺ اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويا. سيئي پروگرام عوام لاءِ مفت رکيا ويا، جنهن سبب مختلف طبقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن، خاص طور نوجوانن ۽ ٿيئٽر جي شوقينن کي انهن پروگرامن ۾ شرڪت جو موقعو مليو.

ميلي جي افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي ثقافت، سياحت ۽ آثارِ قديمه واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه شرڪت ڪئي، جڏهن ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر محمد احمد شاهه سميت فن، ادب ۽ ٿيئٽر سان لاڳاپيل شخصيتون پڻ موجود هيون. ان موقعي تي سنڌ جي فنڪارن جي صلاحيتن، سندن خدمتن ۽ کين وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ته سنڌ جي فنڪارن پنهنجي فن وسيلي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ سنڌ جي سڃاڻپ کي اجاگر ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت ثقافتي ادارن جي ذميواري وڌي وڃي ٿي ته اهي فنڪارن لاءِ مناسب موقعا پيدا ڪن ۽ سندن صلاحيتن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪن.



سنڌ جي فني ۽ ادبي روايت تمام پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. صوفين جو پيغام، لوڪ ادب، شاعري، موسيقي ۽ ناٽڪ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جو حصو رهيا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ محبت، امن، انسانيت، ڀائيچاري ۽ عورت جي عزت جو جيڪو پيغام ملي ٿو اهو اڄ به سماج لاءِ اوترو ئي اهم آهي. فن جي خوبصورتي اها آهي ته اهو اهڙن پيغامن کي رڳو لفظن تائين محدود نٿو رکي، پر انهن کي احساس ۽ منظر جي صورت ۾ ماڻهن جي دلين تائين پهچائي ٿو.

ٿيئٽر هن حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته اسٽيج تي پيش ٿيندڙ ڪهاڻي حاضرين کي سڌو سنئون پنهنجي اثر هيٺ آڻي ٿي. جڏهن ڪو اداڪار ڪنهن ڪردار کي زندگي ڏئي ٿو ته ڏسندڙ رڳو ڪهاڻي نٿو ٻڌي، پر ان ڪردار جي خوشي، ڏک، تڪليف، جدوجهد ۽ اميد کي

محسوس پڻ ڪري ٿو. اهڙي فني پيشڪش سماج جي انهن مسئلن تي سوچڻ جو موقعو ڏئي ٿي، جن کي عام زندگيءَ ۾ شايد نظرانداز ڪيو وڃي.

”ويس ڏاري سنڌي ٿيئٽر فيسٽيول“ دوران ”تِڪ تِڪ“، ”گونگي“، ”وايون بتال“، ”وڻ وڃائي چڙيا“، ”ترڪٽي ڏاڪڻ“، ”پلي“، ”آرٽ“ ۽ ”آ ڊائس“ سميت اٺ ڊراما پيش ڪيا ويا. هر ڊرامي لاءِ الڳ ڪاسٽ، اسٽيج جي ترتيب، لباس، روشني، آواز ۽ ٻين فني ضرورتن جو بندوبست ڪيو ويو هو. انهن ڊرامن ۾ مختلف فنڪارن پنهنجي پنهنجي فني صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ۽ ڏسندڙن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن سان روشناس ڪرايو. خاص طور ”ترڪٽي ڏاڪڻ“ ڊرامي ۾ حيدر قادري، واحد رضا، اعجاز چانڊيو ۽ لائبہ بلوچ سميت مختلف فنڪارن اداڪاري ڪئي، جڏهن تہ ڊرامي جو ليکڪ ايوب گاد ۽ هدايتڪار واحد رضا هو. اهڙي قسم جون پيشڪشون رڳو هڪ شام جي وندر فراهم نٿيون ڪن، پر انهن سان گڏ ڪيترن ئي فنڪارن جي محنت، تخليقي صلاحيت ۽ فني سکيا پڻ سامهون اچي ٿي.

هن ميلي جي ڪاميابيءَ ۾ ان جي منتظمين، سنڌ جي مشهور ۽ پلوڙ فنڪارن حيدر قادري ۽ سهراب سومري جو ڪردار پڻ ساراهہ جوڳو رهيو. سندن جفاڪشي، جاکوڙ ۽ مسلسل محنت جي نتيجي ۾ سمورا پروگرام ڪاميابيءَ سان منعقد ٿيا. وڌيڪ اهم ڳالهہ اها رهي تہ انهن پروگرامن کي رڳو سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل ماڻهن تائين محدود نہ رکيو ويو، پر ٻين ٻولين ۽ مختلف فڪري پسمنظر رکندڙ ماڻهن پڻ دلچسپي سان ڊراما ڏٺا. اهو ئي فن جي اصل طاقت جو هڪ خوبصورت مثال آهي تہ ٻوليءَ جي فرق باوجود فن انسانن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي سگهي ٿو.

سنڌي ٿيئٽر جي ترقيءَ لاءِ اهڙن ميلن جي ضرورت ان ڪري بہ آهي، جو ٿيئٽر نون فنڪارن لاءِ سکيا ۽ عملي تجربي جو اهم ذريعو آهي. اسٽيج نوجوان فنڪار کي آواز جي ادائيگي، لفظن جي لهجي، جسماني حرڪت، ڪردار جي



سمجهہ، وقت جي پابندي ۽ ڏسندڙن سان رابطي بابت عملي سکيا ڏئي ٿو. ساڳيءَ ريت ليکڪن، هدايتڪارن، موسيقيءَ جي ماهرن، لباس تيار ڪندڙن، روشنيءَ ۽ آواز سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ پڻ ٿيئٽر هڪ سکيا گهر جو ڪم ڪري ٿو.

اڄ جي تيز رفتار دور ۾، جڏهن نوجوانن جو وڏو حصو مختلف برقي ذريعن ۽ سماجي رابطن جي وسيلن سان ڳنڍيل آهي، اتي فن جي اهميت وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي. ٿيئٽر ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ٿو، کين گڏيل تجربو فراهم ڪري ٿو ۽ هڪ ئي وقت هڪ ئي ڪهاڻيءَ سان جوڙي ٿو. اهڙي گڏيل ثقافتي سرگرمي سماجي رابطن کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ ماڻهن ۾ برداشت، گفتگو ۽ هڪ ٻئي جي خيالن کي سمجهڻ جو جذبو پڻ پيدا ڪري سگهي ٿي.

فن سماج جو آئينو بہ آهي ۽ ان جي تبديليءَ جو وسيلو پڻ. هڪ سٺو ڊرامو غربت، تعليم، عورتن جي سماجي حيثيت، خانداني رشتن، سماجي ناانصافين، نوجوانن جي مسئلن ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪري سگهي ٿو، جو ڏسندڙ بنا ڪنهن دٻاءَ جي انهن بابت سوچڻ شروع ڪري. جڏهن فن سوال پيدا ڪري ٿو تہ سماج اندر فڪري بحث جنم وٺي ٿو ۽ جڏهن فڪري بحث وڌي ٿو تہ تبديليءَ جا رستا بہ کلي سگهن ٿا.

ان ڪري ضروري آهي تہ عوام اهڙن ثقافتي

پروگرامن کي رڳو تفريح سمجهي نظرانداز نہ ڪري. جڏهن ڪو ثقافتي ادارو ڊراما يا ٻيو ڪو فني پروگرام پيش ڪري ٿو تہ ان ۾ شرڪت ڪرڻ بہ ثقافتي ذميواريءَ جو حصو آهي، خاص طور والدين کي گهرجي تہ هو پنهنجي ٻارن ۽ نوجوانن کي اهڙين سرگرمين ڏانهن آڻين، جيئن انهن سان سندن لاڳاپو پڻ پيدا ٿئي ضروري آهي تہ اهڙا ميلا رڳو ڪراچي تائين محدود نہ رهن، پر سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ باقاعدگيءَ سان منعقد ٿين. ٿيئٽر جون سرگرميون وڏائڻ سان



ٿيئٽر ماڻهن کي ڪلائي ۽ سوچائي بہ سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو سوال بہ پيدا ڪري سگهي ٿو، جنهن جو جواب ڳولڻ لاءِ سڄو سماج مجبور ٿي وڃي، تنهن ڪري سنڌي ٿيئٽر سميت سمورن ثقافتي پروگرامن جي حوصلا افزائي رڳو فنڪارن جي مدد نہ، پر هڪ وڏيڪ باشعور، حساس ۽ مثبت سماج جي تعمير ۾ حصو وٺڻ وارو عمل آهي. فن کي زندهہ رکڻ اصل ۾ سماج جي حساسيت کي زندهہ رکڻ آهي، جنهن سماج ۾ فن، ادب ۽ ثقافت لاءِ جاءِ موجود هجي، اتي سوچ جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا. ٿيئٽر ماڻهن کي ڪلائي ۽ سوچائي بہ سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو سوال بہ پيدا ڪري سگهي ٿو، جنهن جو جواب ڳولڻ لاءِ سڄو سماج مجبور ٿي وڃي، تنهن ڪري سنڌي ٿيئٽر سميت سمورن ثقافتي پروگرامن جي حوصلا افزائي رڳو فنڪارن جي مدد نہ، پر هڪ وڏيڪ باشعور، حساس ۽ مثبت سماج جي تعمير ۾ حصو وٺڻ وارو عمل آهي.

مقامي فنڪارن کي پنهنجو فن پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو. ساڳيءَ ريت نون ڊراما نويسن ۽ هدايتڪارن لاءِ سکيا جا پروگرام ۽ فني تربيت جا موقعا پيدا ڪيا وڃن تہ جيئن سنڌي ٿيئٽر کي نئون نسل اڳتي وڌائي سگهي.

آرٽس ڪائونسل ڪراچي اڳ ئي مختلف فني شعبن لاءِ پليٽ فارم فراهم ڪندو رهي آهي. سنڌي ٿيئٽر لاءِ اهڙي جاءِ فراهم ٿيڻ ثقافتي لحاظ کان هڪ مثبت قدم آهي. جيڪڏهن هن سلسلي کي مستقل بنيادن تي جاري رکيو وڃي، هر سال وڏيڪ ڊراما پيش ڪيا وڃن، نون فنڪارن کي موقعا ڏنا وڃن ۽ سنڌ جي مختلف علائقن مان فنڪارن کي گڏ ڪيو وڃي تہ سنڌي ٿيئٽر ۾ نئين جان اچي ٿي سگهي ٿي.

”ويس ڏاري سنڌي ٿيئٽر فيسٽيول 2026ع“ پيغام ڏنو آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي جديد دور جي فني ذريعن وسيلي نئين نسل تائين پهچائي سگهجي ٿو. اهڙيون سرگرميون اسان کي پنهنجي ثقافتي ورثي سان جوڙڻ سان گڏ سماج ۾ مثبت سوچ، برداشت، تخليقيت ۽ انساني احساسن کي وڌائڻ ۾ پڻ مدد ڏين ٿيون.

فن کي زندهہ رکڻ اصل ۾ سماج جي حساسيت کي زندهہ رکڻ آهي، جنهن سماج ۾ فن، ادب ۽ ثقافت لاءِ جاءِ موجود هجي، اتي سوچ جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا. ٿيئٽر ماڻهن کي ڪلائي ۽ سوچائي بہ سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو سوال بہ پيدا ڪري سگهي ٿو جنهن جو جواب ڳولڻ لاءِ سڄو سماج مجبور ٿي وڃي، تنهن ڪري سنڌي ٿيئٽر سميت سمورن ثقافتي پروگرامن جي حوصلا افزائي رڳو فنڪارن جي مدد نہ، پر هڪ وڏيڪ باشعور، حساس ۽ مثبت سماج جي تعمير ۾ حصو وٺڻ وارو عمل آهي.

ايوب غمدل

# انڊس ڊيلٽا سنڌ جي ماحولياتي مستقبل جو قدرتي محافظ

سنڌ جي سڃاڻپ رڳو ان جي قديم تهذيب، شاهوڪار ثقافت ۽ زرخيز زمين سان نہ پر سنڌو درياهہ ۽ ان جي ڊيلٽا سان بہ ڳنڍيل آهي. سنڌو درياهہ جڏهن پنهنجي ڊگهي سفر کان پوءِ عربي سمنڊ سان ملي ٿو تہ اتي پيدا ٿيندڙ دريائي، سامونڊي ۽ ساحلي ماحولياتي نظام لکين انسانن، مڇين، پکين، سامونڊي جيوت ۽ نباتات لاءِ زندگيءَ جو اهم ذريعو بڻجي وڃي ٿو. انڊس ڊيلٽا جا مينگرووز ٻيلا هن سموري ماحولياتي نظام جا قدرتي محافظ آهن. سنڌ حڪومت پاران انڊس ڊيلٽا جي بحالي، تحفظ ۽ مينگروو ٻيلن جي واڌ لاءِ کنيل قدم انهيءَ قدرتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ ساحلي آباديءَ جي مستقبل کي وڌيڪ محفوظ ۽ پائيدار بڻائڻ جي هڪ اهم ڪوشش آهن.

سنڌ حڪومت جي ٻيلي کاتي ۽ انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل جي وچ ۾ عوامي ۽ خانگي پائيواري تحت 350,000 ايڪڙن تي پکڙيل مينگروو ٻيلن ۽ لاڳاپيل ساحلي ماحولياتي نظام جي بحالي ۽ تحفظ جو منصوبو هن سلسلي ۾ غيرمعمولي اهميت رکي ٿو. عالمي ماحولياتي ادارا بہ انڊس ڊيلٽا کي وڏي حياتياتي ۽ ماحولياتي اهميت وارو علائقو قرار ڏين ٿا. رامسر ڪنوينشن موجب انڊس ڊيلٽا تقريباً 472,800 ايڪٽرن تي پکڙيل بين الاقوامي اهميت واري آبي ماڳ آهي ۽ تاريخي طور دنيا جي اهم مينگروو علائقن ۾ شمار ٿيندو رهيو آهي.

مينگروو وڻن جي اهميت کي رڳو وڻڪاري تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. اهي وڻ سمنڊ ۽ زمين جي وچ ۾ قدرتي حفاظتي ديوار جو ڪم ڪن ٿا. انهن جون مضبوط پاڙون سامونڊي لهرن جي شدت کي گهٽائين ٿيون، ساحلي کٽائيءَ کي روڪڻ ۾ مدد ڏين ٿيون ۽ طوفانن دوران ساحلي آبادين لاءِ قدرتي بچاءُ فراهم ڪن ٿيون. عالمي بينڪ جي مطالعي موجب مينگروو ٻيلن جو گهاٽو پاڙن وارو نظام ساحلي علائقن کي ٻوڏ، تيز لهرن ۽ طوفانن جي اثرن کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. مينگروو ٻيلن ۾ ڪاربان ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت بہ تمام گهڻي آهي.



انڊس ڊيلٽا جي بحاليءَ جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي مينگروو بيلن جو لڳ ڀڳ 95 سيڪڙو حصو سنڌ جي انڊس ڊيلٽا ۾ موجود آهي. عالمي بينڪ جي بليو ڪاربن بابت مطالعي مطابق پاڪستان ۾ مينگروو جو مجموعي ڪَوَر 1990ع جي لڳ ڀڳ 477 چورس ڪلوميٽرن مان وڌي 2020ع تائين تقريباً 1,464 چورس ڪلوميٽرن تائين پهتو جڏهن ته انڊس ڊيلٽا ۾ مينگروو جي بحاليءَ لاءِ وڏي پيماني تي وٽڪاري جا منصوبا جاري رهيا آهن. هي انگ اکر ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا ته منظم پاليسي، سائنسي منصوبابندي ۽ مقامي برادرين جي شموليت سان ساحلي ماحولياتي نظام جي بحالي ممڪن آهي.

مينگروو بيلن جو هڪ بيو اهم فائدو ساموندي خوراڪ ۽ مقامي معيشت سان لاڳاپيل آهي. مينگروو علائقا مڇين، جهينگن ۽ ٻين ساموندي جيوت لاءِ افزائش ۽ پرورش جا قدرتي مرڪز آهن. انهن جي پاڙن، دلدلي علائقن ۽ پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ ننڍين ساموندي جيوت کي پناهه ملندي آهي، جيڪا اڳتي هلي مڇي مارڻ واري معيشت کي مضبوط ڪري ٿي. عالمي بينڪ جي رپورٽن ۾ پڻ انڊس ڊيلٽا جي مينگروو بيلن کي مڇين جي افزائش ۽ ساحلي ماڻهن جي روزگار لاءِ اهم قرار ڏنو ويو آهي. ان ڪري مينگروو جي حفاظت اصل ۾ ماهيگيرن جي روزگار، خوراڪ جي تحفظ ۽ ساحلي معيشت جي تحفظ سان به سڌي طرح لاڳاپيل آهي.

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ رهندڙ مهاڻن جي خاندانن لاءِ ڊيلٽا رڳو قدرتي منظر نه پر سندن روزاني زندگيءَ جو بنيادي حصو آهي. مڇي مارڻ، جهينگا ۽ ڪيڪڙا گڏ ڪرڻ، ننڍي پيماني تي واپار ۽ ٻين ساحلي سرگرمين سان هزارين خاندانن جي معاشي زندگي ڳنڍيل آهي. بليو ڪاربن جي موجوده منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي بحاليءَ جي عمل ۾ شامل ڪرڻ کي به خاص اهميت ڏني وئي آهي. منصوبي جي معلومات موجب 350,000 هيڪٽرن واري علائقي ۾ تقريباً 43,000 ماڻهو 60 ڳوٺن ۾ رهن ٿا، جڏهن ته انهن مان هڪ وڏو حصو مينگروو بحاليءَ جي مختلف مرحلن ۾ حصو وٺي رهيو آهي.

هي منصوبو موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ سنڌ حڪومت جي ماحولياتي سوچ کي نمايان ڪري ٿو. مينگروو بيلن کي ”نيرو ڪاربان“ ذخيرو ڪندڙ ماحولياتي نظام طور وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ماحول مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪري ان کي پنهنجي حياتياتي مادّي ۽ مٽيءَ ۾ ذخيرو ڪن ٿا. عالمي بينڪ موجب هڪ هيڪٽر مينگروو جي بحالي، ساڳئي ايراضيءَ جي زميني ٻيلي جي بحاليءَ جي ڀيٽ ۾ سراسري طور پنج ڀيرا وڌيڪ ڪاربان ذخيرو ڪري سگهي ٿي. بليو ڪاربن جا ماحولياتي نظام هڪ ئي وقت موسمياتي تبديليءَ کي گهٽائڻ، حياتياتي تنوع بچائڻ، ماهيگيري کي سهارو ڏيڻ ۽ ساحلي آباديءَ کي قدرتي آفتن کان تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

سنڌ حڪومت ۾ انڊس ڊيلٽا ڪيپيٽل جي پائيواري ان لحاظ کان به اهم آهي ته ماحولياتي تحفظ کي جديد معاشي سوچ سان ڳنڍيو ويو آهي. ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي جو بنياد 2015ع ۾ رکيو ويو ۽ ان جي منصوبي جو مدو 60 سال، يعني 2075ع تائين مقرر ڪيو يو آهي. منصوبي بابت دستاويزن موجب ان جي مجموعي ايراضي 350,000 هيڪٽر آهي ۽ ڊگهي مدي دوران تقريباً 142 ملين ٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ برابر اخراج گهٽائڻ جو اندازو لڳايو ويو آهي. عالمي سطح تي به هن منصوبي کي وڏي پيماني تي بليو ڪاربن ۽ مينگروو بحاليءَ جي هڪ نمايان مثال طور ڏنو وڃي ٿو.

ڪاربان ڪريڊٽ جي پيداوار ماحولياتي تحفظ کي مالي استحڪام سان ڳنڍڻ جو نئون موقعو پڻ فراهم ڪري ٿي. 2025ع ۾ وفاقي حڪومت جي جاري ڪيل سرڪاري معلومات موجب سنڌ جي 350,000 هيڪٽرن کان وڌيڪ

علائقي تي ٻڌل ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي مان ڪاربان ڪريڊٽ جي وڪري ذريعي آمدني حاصل ٿي هئي ۽ ايندڙ ڏهاڪن ۾ هن شعبي ۾ وڏيڪ معاشي صلاحيت موجود آهي. يورپي يونين جي تحقيق ۾ جدت واري اداري پڻ منصوبي کي بليو ڪاربن جي اهم عالمي مثالن ۾ شمار ڪندي اندازو لڳايو آهي ته 60 سالن دوران تقريباً 140 ملين ٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ برابر اخراج جذب ٿي سگهي ٿو ۽ هزارين روزگار جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا.

سنڌ حڪومت جي هن ماحولياتي قدم کي وڏيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته بحاليءَ جو عمل مقامي برادرين سان مضبوط ڀائيواريءَ سان جاري رکيو وڃي. ماهيگيرن، عورتن، نوجوانن ۽ ساحلي ڳوٺن جي ماڻهن کي مينگروو جي پوک، سارسنڀال، نگراني ۽ تحفظ ۾ شامل ڪرڻ سان منصوبي جي پائيداري وڌي سگهي ٿي. مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ فني تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ سان ماحولياتي تحفظ سنڌن معاشي ترقيءَ سان به ڳنڍي سگهي ٿو. ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي ۾ ڪميونٽي جي شموليت اڳ ئي ان سوچ جو حصو آهي، جنهن کي وڏيڪ وسيع ڪري سگهجي ٿو.

ان سان گڏ مينگروو بحاليءَ لاءِ جديد سائنسي نگرانيءَ کي مستقل نظام جو حصو بڻائڻ به ضروري آهي. سيٽلائيٽ تصويرن، جغرافيائي معلوماتي نظام، ڊرون نگراني ۽ ڊجيٽل ڊيٽا ذريعي هر سال اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته ڪهڙي علائقي ۾ مينگروو وڌي رهيا آهن، ڪهڙي هنڌ وڏيڪ بحاليءَ جي ضرورت آهي ۽ ڪهڙا علائقا سامونڊي تبديليءَ کان وڏيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. اهڙي ڊيٽا جي بنياد تي سنڌ حڪومت پنهنجي ماحولياتي پاليسين کي وڏيڪ نتيجا ڏيندڙ بڻائي سگهي ٿي.

ساڳئي وقت ساحلي علائقن ۾ قدرتي وسيلن جي پائيدار استعمال، غيرقانوني وڍڪاري جي روڪٿام، ماحول دوست ماهيگيري، پاڻيءَ جي قدرتي وهڪرن جي تحفظ ۽ ساحلي حياتياتي تنوع جي نگرانيءَ کي به بحاليءَ جي جامع حڪمت عمليءَ سان ڳنڍڻ گهرجي. مينگروو جي بحالي تڏهن ئي ڊگهي عرصي تائين ڪامياب ٿي سگهي ٿي، جڏهن وڻ پوکڻ سان گڏ انهن جي قدرتي رهائش، پاڻيءَ جي وهڪري ۽ مقامي ماحولياتي نظام کي به محفوظ رکيو وڃي.

انڊس ڊيلٽا جي بحالي سنڌ لاءِ ماحولياتي تحفظ کان به وڏيڪ وسيع معنيٰ رکي ٿي. هي قدم موسمياتي تحفظ، ساحلي آباديءَ جي سلامتي، ماهيگيري، حياتياتي رنگارنگي، روزگار، قدرتي وسيلن جي حفاظت ۽ نئين ماحولياتي معيشت جي گڏيل تصور کي اڳتي وڌائي ٿو. سنڌ حڪومت پاران عوامي ۽ خانگي ڀائيواري کي استعمال ڪندي 350,000 هيڪٽرن جي وڏي علائقي کي بحالي ۽ تحفظ جي دائري ۾ آڻڻ ان ڳالهه جو اظهار آهي ته صوبي جي ترقيءَ جو تصور هاڻي قدرتي وسيلن جي حفاظت ۽ ايندڙ نسلن جي سلامتي سان به ڳنڍيل آهي. عالمي بينڪ به بليو ڪاربن جي بحاليءَ کي اهڙي ترقيءَ جو ذريعو قرار ڏئي ٿو جتي ماحول، معيشت، روزگار ۽ انساني ڀلائي گڏجي اڳتي وڌن ٿا.

سنڌو درياهه ۽ ان جو ڊيلٽا سنڌ جي فطري سڃاڻپ جو اهم حصو آهن. جيڪڏهن مينگروو جا ٻيلا مضبوط ٿيندا ته ساحلي علائقا وڏيڪ محفوظ ٿيندا، سامونڊي جيوت لاءِ رهائش بهتر ٿيندي، ماهيگيرن جي معيشت کي سهارو ملندو ۽ موسمياتي تبديليءَ خلاف سنڌ جي قدرتي دفاعي قوت وڌندي. ان ڪري انڊس ڊيلٽا جي بحالي رڳو وڻ پوکڻ جو منصوبو نه، پر سنڌ جي مستقبل جي حفاظت جو هڪ جامع عزم آهي. سنڌ حڪومت جي هن قدم کي مقامي برادرين، ماهرن، خانگي شعبي ۽ عالمي ماحولياتي ادارن جي گڏيل سهڪار سان اڳتي وڌائڻ سان انڊس ڊيلٽا نه رڳو سنڌ، پر پاڪستان لاءِ به ماحولياتي تحفظ ۽ پائيدار ترقيءَ جو هڪ روشن مثال بڻجي سگهي ٿو.

بهادر سيال

# جمشيد نسروانجي: جديد ڪراچيءَ جو معمار

جمشيد نسروانجي مهتا جو نالو ڪراچيءَ جي تاريخ ۾ رڳو هڪ اڳوڻي ميئر، واپاري يا سماجي اڳواڻ جي حيثيت سان نه پر هڪ اهڙي مدبر معمار ۽ ڏاهي شخص طور محفوظ آهي جنهن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪراچيءَ کي هڪ منظم، صاف سٿري، رهڻ لائق ۽ جديد شهر بڻائڻ جو تصور پيش ڪيو. سندس خدمتن جي ڪري کيس عام طور تي ”باباءِ ڪراچي“، ”ترقي يافته ڪراچي جي ٺاهيندڙن مان هڪ“ ۽ جديد ڪراچيءَ جو معمار چيو وڃي ٿو. هن شهر کي رڳو عمارتن، روڊن ۽ بازارن جو مجموعو نه سمجهيو پر پاڻي، صفائي، رهائش، تعليم، صحت، ماحول، تفريح، ٽرانسپورٽ ۽ سماجي ڀلائي کي گڏيل شهري نظام جا حصا سمجهيو. اڄ جڏهن ڪراچيءَ جي شهري مسئلن تي بحث ٿئي ٿو تڏهن لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ جمشيد نسروانجي جا پيش ڪيل ڪيترائي اصول اڃا به حيران ڪندڙ حد تائين جديد محسوس ٿين ٿا.

جمشيد نسروانجي مهتا 7 جنوري 1886ع تي ڪراچيءَ ۾ هڪ پارسي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان جو تعلق واپار سان هو ۽ عملي زندگيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ هن خانداني ڪاروبار سان گڏ سماجي ۽ عوامي خدمت کي به پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو. سندس شخصيت جي هڪ نمايان خصوصيت اها هئي ته هو شهر جي مسئلن کي رڳو آفيسن ۾ فائلن جي ذريعي نه پر عملي مشاهدي ۽ ذاتي دلچسپيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس خاندان جي واپاري سرگرمين ۾ دڪانن کان علاوه لوڻ، تائيل، اٽي ۽ برف جون صنعتون به شامل هيون. پر سندس اصل سڃاڻپ دولت يا ڪاروبار نه بلڪ عوامي خدمت ۽ شهري انتظام جي ميدان ۾ پيدا ٿي.

جمشيد نسروانجي جي عوامي زندگيءَ جو اهم موڙ ان وقت آيو جڏهن هن ڪراچي ميونسپل اداري ۾ چونڊجي اچي شهري معاملن ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. هتي



جمشيد نسروانجي جي سڀ کان وڏي ميراث شايد سندس ٺاهيل ڪا هڪ عمارت يا هڪ روڊ نه پر ”شهر بابت سوچ“ جو هڪ نئون انداز هو. هن ڪراچيءَ کي مستقبل جي شهر طور ڏٺو. هن سمجهيو ته جيڪڏهن آبادي وڌندي ته اڳواٽ منصوبابندي ڪرڻي پوندي؛ جيڪڏهن شهر وڌندو ته پاڻي، صفائي ۽ نيڪال جو نظام به گڏوگڏ وڌائڻو پوندو؛ جيڪڏهن معيشت ترقي ڪندي ته تعليم ۽ صحت کي به ترقي ڏيڻي پوندي.

هڪ اهم تاريخي وضاحت ضروري آهي: اڪثر مختصر لکڻين ۾ چيو ويندو آهي ته هو 1933ع ۾ پهريون ڀيرو ڪراچيءَ جو ميئر بڻيو پر حقيقت اها آهي ته هو ان کان گهڻو اڳ ميونسپل سياست ۽ انتظام ۾ سرگرم هو. 1922ع کان 1933ع تائين هو ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر رهيو. جڏهن ته 1933ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي کي ميونسپل ڪارپوريشن جو درجو ملڻ کان پوءِ ميئر جو عهدو باقاعده وجود ۾ آيو ۽ جمشيد نسروانجي پهريون چونڊيل ميئر بڻيو. سندس ميئر طور مدو نومبر 1933ع کان آگسٽ 1934ع تائين رهيو. تنهن ڪري سندس ڪراچيءَ جي تعمير ۾ ڪردار کي صرف هڪ سال جي ميئرشپ تائين محدود ڪرڻ تاريخي طور درست نه ٿيندو سندس اصل اثر ان کان اڳ واري ڊگهي ميونسپل قيادت ۾ نظر اچي ٿو.

سندس چونڊ ۽ مسلسل عوامي مقبوليت جو بنيادي سبب به سندس پارسي برادري سان تعلق نه پر سندس عملي ڪردار هو. ڪراچي ان وقت هڪ وڌندڙ بندرگاهي شهر هو جتي آبادي وڌي رهي هئي ۽ نون رهائشي علائقن جي ضرورت پيدا ٿي رهي هئي. پر شهري واڌ سان گڏ پاڻي، صفائي، روڊن، نيڪال، رهائش ۽ صحت جهڙا مسئلا به وڌي رهيا هئا. نسروانجي جو وڏو ڪمال اهو هو ته هن انهن مسئلن کي الڳ الڳ نه ڏٺو بلڪ انهن کي هڪ مربوط شهري منصوبه بنديءَ

جو حصو سمجهيو. سنڌس نظر ۾ سٺو شهر اهو نہ هو جتي صرف خوبصورت عمارتون هجن پر اهو شهر هو جتي عام ماڻهو صاف پاڻي پي سگهي، صاف ماحول ۾ رهي سگهي، ٻارن لاءِ اسڪول هجن، مريضن لاءِ اسپتالون هجن ۽ ماڻهن کي مناسب رهائش ملي سگهي.

شهري منصوبہ بنديءَ جي حوالي سان سنڌس سڀ کان اهم خدمتن مان هڪ بلڊنگ باءِ لاز ۽ تعميراتي ضابطن جي سوچ کي مضبوط ڪرڻ هو. سنڌس دور سان لاڳاپيل تاريخي حوالن موجب عمارتن جي اڏاوت لاءِ روڊن جي ويڪر، عمارتن جي اوچائي، فوٽ پاٿن، روشني ۽ هوا جي اچ وڃ ۽ رهائشي توڙي تجارتي علائقن جي ترتيب جهڙن معاملن کي ضابطن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جديد شهر رڳو آبادي وڌائڻ سان نہ پر زمين جي منظم استعمال، رستن جي منصوبہ بندي ۽ عمارتن جي ضابطي سان وجود ۾ ايندا آهن.

ان وقت وچولي طبقي لاءِ پنهنجو گهر ٺاهڻ آسان نہ هو. نسروانجي ڪوآپريٽو هائوسنگ جو تصور اڳتي وڌايو جنهن تحت رهائشي سوسائٽين کي زمين ۽ تعمير لاءِ قرض جي سهولت ڏيڻ جو منصوبو اختيار ڪيو ويو. نتيجي ۾ اهڙو رهائشي ماڊل سامهون آيو جيڪو صرف اميرن لاءِ نہ پر وچولي طبقي لاءِ بہ شهري رهائش جو موقعو پيدا ڪري رهيو هو. تحقيقي حوالن موجب 1922 ۾ جمشيد ڪوارٽرز ڪراچيءَ جي وڌندڙ وچولي طبقي لاءِ ابتدائي منظم رهائشي منصوبن مان هڪ هو جنهن ۾ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽين کي زمين فراهم ڪرڻ ۽ ڪوآپريٽو بئنڪن ذريعي تعمير لاءِ مالي سهڪار جو تصور شامل هو.

جمشيد نسروانجي جي نظر ۾ جديد شهر جي بنيادي ضرورت صاف پاڻي هئي. پاڻيءَ جي فراهمي، واٽر ورڪس ۽ پمپنگ نظام جي بهتري سنڌس ميونسپل ترجيحن ۾ شامل هئي. ڍملوٽي واٽر ورڪس ۽ مختلف علائقن ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي نظام بابت تاريخي حوالا سنڌس دور جي شهري ترقيءَ سان لاڳاپيل آهن. هن لاءِ پاڻي رڳو هڪ ميونسپل سهولت نہ پر عوامي صحت جو بنيادي شرط هو. ان زماني ۾ جڏهن ڪيترائي شهر صاف پاڻيءَ جي کوٽ ۽ وبائي بيمارين جي خطري کي منهن ڏئي رهيا هئا، صاف پاڻيءَ جي نظام کي شهري منصوبہ بنديءَ جو مرڪزي حصو بڻائڻ هڪ دور انديش قدم هو. صفائي ۽ عوامي صحت سنڌس شهري فلسفي جا بنيادي اهم عنصر هئا. سنڌس دور بابت ڪيترن ئي تاريخي حوالن ۾ ڪراچيءَ جي روڊن جي باقاعده صفائي ۽ انهن کي ڌوئڻ جو ذڪر ملي ٿو. سنڌس انتظامي سوچ جو مقصد اهو هو تہ شهر جي صفائي کي عارضي مهم بدران روزاني ميونسپل ذميواري بڻايو وڃي. ڪراچيءَ جي صفائي، نيڪال، ڪچري جي انتظام ۽ صحت جي سهولتن کي گڏ ڪٽي هلڻ جي نتيجي ۾ شهر کي ان دور ۾ اوير جي صاف ترين شهرن مان هڪ طور ياد ڪيو ويو. جيتوڻيڪ "ايشيا جو صاف ترين شهر" جهڙا لقب تاريخي روايتن ۽ يادگيرين ۾ ملن ٿا، تنهن ڪري انهن کي قطعي سرڪاري انگ اکر بدران ان دور جي ڪراچيءَ بابت عوامي تاثر طور ڏسڻ وڌيڪ مناسب آهي.

عوامي صحت جي ميدان ۾ بہ سنڌس سوچ صرف وڏين اسپتالن تائين محدود نہ هئي. عورتن جي صحت ۽ ويم جي سهولتن کي بہ اهميت ڏني وئي. گلباءِ ميٽرنٽي هوم سان سنڌس نالو جڙيل آهي، جڏهن تہ ليڊي ڊفرن اسپتال جي سهولتن ۾ واڌ ۽ صحت جي ادارن جي ترقي پڻ ان دور جي شهري پاليسيءَ جو حصو هئي. تعليم پڻ سنڌس ترقيءَ جي تصور جو اهم حصو هئي. هن ڇوڪرين جي تعليم سميت تعليمي ادارن جي سرپرستي ڪئي. تاريخي رڪارڊ موجب هن ماما پارسي گرلز هاءِ اسڪول جي تعمير لاءِ 1918ع ۾ هڪ لک پنجٽيهہ هزار رپيا عطيو ڏنو. ان وقت اها رقم انتهائي وڏي سماجي سيڙپڪاري هئي. ڪراچيءَ ۾ پرائمري اسڪولن جي عمارتن جي واڌ ۽ اهڙيون عمارتون ٺاهڻ جن ۾ روشني ۽ هوا جو مناسب انتظام هجي، پڻ سنڌس دور جي تعليمي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو.

ڪراچيءَ جي عوامي تفريح ۽ کليل هنڌن جي ترقي پڻ سنڌس شهري تصور جو حصو هئي. پارڪن، وڻن، کليل جڳهن ۽ تفريحي هنڌن جي اهميت کي هن شهري زندگيءَ جو

حصو سمجهيو. جهانگير ڪوٺاري پريڊ ۽ ڪلفٽن جي علائقي جي ترقيءَ سان لاڳاپيل منصوبن جي تنظيم ۽ واڌ ويجهه سنڌس انتظامي دور سان بہ ڳنڍيل وڃي ٿي. ان سوچ ۾ اڄ جي ”Liveable City“ جو بنيادي تصور ڏسي سگهجي ٿو: اهڙو شهر جنهن ۾ رهائش ۽ روزگار سان گڏ تفريح، هوا ۽ عوامي گڏجاڻين لاءِ جڳهه بہ هجي.

سنڌس دور جي هڪ اهم خصوصيت شهر جي سماجي ۽ مذهبي وسعت کي قبول ڪرڻ هئي. ڪراچي مختلف قومن، ٻولين ۽ مذهبن جو شهر هو ۽ نسروانجي جي شهري سوچ ۾ ڪنهن هڪ برادري بدران مجموعي شهر کي اهميت حاصل هئي. سنڌس نالي سان جڙيل رهائشي منصوبن ۽ ان دور جي ڪراچيءَ جي سماجي زندگيءَ ۾ مسلمانن، هندن، پارسين، عيسائين ۽ ٻين برادرين جي گڏيل موجودگيءَ جا حوالا ملن ٿا. سنڌس ڪراچيءَ جو تصور هڪ گهڻ ثقافتي، کليل ۽ روادار شهر جو تصور هو. ڊان ۾ سنڌس 134 هين سالگرهہ جي موقعي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر رياض شيخ پڻ تڏهوڪي ڪراچيءَ کي گهڻ ثقافتي گهڻ قومي ۽ سيڪيولر شهري تصور سان جوڙيو هو.

جمشيد نسروانجي جي اثر جو دائرو ڪراچيءَ کان ٻاهر بہ هو. اين اي ڊي يونيورسٽي جي صديءَ واري تاريخي اشاعت ۾ ڄاڻايل آهي تہ انجنيئرنگ تعليم جي ترقي ۽ ان وقت جي فني ضرورتن سان لاڳاپيل هڪ اهم مرحلي تي جمشيد نسروانجي جي ڪوشش وسيلي هُوشنگ ڊنشا کان 150,000 رپين جو عطيو حاصل ٿيو جنهن انجنيئرنگ ڪاليج جي ترقيءَ ۾ مدد ڪئي. ساڳئي طرح ڊان ۾ سنڌس سالگرهہ بابت رپورٽ ۾ ڊاڪٽر رياض شيخ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ۽ سکر بئراج جي تعمير جي حوالي سان بہ سنڌس ڪردار جو ذڪر ڪيو. جيتوڻيڪ سکر بئراج کي سنڌس ذاتي منصوبو قرار ڏيڻ بدران اهو چوڻ وڌيڪ محتاط ۽ تاريخي طور مناسب آهي تہ هن سنڌ جي ترقيءَ سان لاڳاپيل فني ۽ عوامي منصوبن لاءِ سماجي ۽ مالي سهڪار حاصل ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو.

هن جي ورثي ۾ هڪ ٻيو اهم نالو نسروانجي بلڊنگ آهي. 1903ع ۾ ٺهيل هي عمارت اصل ۾ سنڌس خاندان سان لاڳاپيل هئي ۽ بعد ۾ سنڌس نالي سان مشهور ٿي. 1991ع ۾ جڏهن اها عمارت خطري ۾ هئي، تڏهن ان کي بچائي پٿر پٿر ڪري ڪراچيءَ جي هڪ نئين هنڌ منتقل ڪيو ويو. انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ اينڊ آرڪيٽيڪچر مطابق لڳ ڀڳ 25,000 چورس فوٽ جي عمارت جا هزارين پٿر جدا ڪري ٻيهر جوڙيا ويا. هي منصوبو رڳو هڪ عمارت بچائڻ جو عمل نہ پر ڪراچيءَ جي تعميراتي ورثي کي محفوظ رکڻ جي غير معمولي مثال طور ڏٺو وڃي ٿو.

جمشيد نسروانجي جي سڀ کان وڏي ميراث شايد سنڌس ٺاهيل ڪا هڪ عمارت يا هڪ روڊ نہ پر ”شهر بابت سوچڻ“ جو هڪ نئون انداز هو. هن ڪراچيءَ کي مستقبل جي شهر طور ڏٺو. هن سمجهيو تہ جيڪڏهن آبادي وڌندي تہ اڳواٽ منصوبا بندي ڪرڻي پوندي؛ جيڪڏهن عمارتون وڌنديون تہ روڊ ۽ فوٽ پاٿ محفوظ رکڻا پوندا؛ جيڪڏهن شهر وڌندو تہ پاڻي، صفائي ۽ نيڪال جو نظام بہ گڏوگڏ وڌائڻو پوندو. جيڪڏهن معيشت ترقي ڪندي تہ تعليم ۽ صحت کي بہ ترقي ڏيڻي پوندي؛ ۽ جيڪڏهن مختلف برادريون گڏ رهنديون تہ شهري انتظام کي سڀني لاءِ برابر بڻائڻو پوندو. اهو ئي سنڌس جديديت جو اصل تصور هو.

جمشيد نسروانجي مهتا جي زندگيءَ کي جديد ڪراچيءَ جي پسمنظر ۾ ڏسجي تہ هڪ اهم سبق سامهون اچي ٿو: مضبوط شهر صرف وڏين عمارتن سان نہ پر مضبوط شهري ادارن، واضح منصوبا بندي، قانون جي بالادستي، صاف پاڻي، صفائي، تعليم، صحت، رهائش، ماحول ۽ عوامي ڀلائيءَ سان ٺهندا آهن. تقريباً هڪ صدي اڳ نسروانجي جنهن ڪراچيءَ جو خواب ڏٺو هو ان ۾ جديد شهري حڪمرانيءَ جا ڪيترائي بنيادي اصول موجود هئا. اڄ جي ڪراچيءَ لاءِ سنڌس ورثو ان ڪري بہ اهم آهي جو اهو ماضيءَ جي يادگار کان وڌيڪ مستقبل لاءِ هڪ شهري سبق آهي.

رياض شاهد دايو

# ايم ايڇ پنھور: سنڌ جو عظيم زرعي سائنسدان

ڪي ماڻھو پنھنجي ڪنھن مخصوص شعبي ۾ ماهر هوندا آهن پر ڪجھ ماڻھو ڪيترن ئي شعبن ۾ يگانا ماهر هوندا آهن.جن جو اسان جي تهذيبي، معاشرتي ۽ معاشي زندگي جي تعمير ۾ اهم ڪردار هوندو آهي، اهڙي ئي گھڻ پاسائين شخصيت ايم ايڇ پنھور صاحب هو. سنڌن تاريخي فڪر، سائنسي سوچ ۽ زرعي تحقيق کين نمايان حيثيت ۾ نروار ڪيو آهي. هي بنيادي طرح انجينئر هو هن ماسٽرس ايگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ آمريڪا جي (وزڪونسن) يونيورسٽيءَ مان ڪئي. 1953ع کان 1969ع تائين هن زرعي انجنيئر ۽ سپرنٽينڊنگ انجينئر جي ايامڪاري دوران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سائنسي سوچ رکندڙ زرعي ماهر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ هن آفيس ۾ ڪم ڪرڻ بجاءِ فيلڊ ۾ رهي تحقيق تي گھڻو وقت صرف ڪيو.

ايم ايڇ پنھور جا زرعي ڪيتر ۾ لکيل ڪتاب هتان جي زرعي معاشري سان وابستگي ۽ ڳانڍاپي جا بهترين ثبوت آهن. هن جي لکيل ”آب بيتي جڳ بيتي“ پڻ جابجا زمين ۽ ماڻھن سان جڙيل هئڻ جو هڪ تاريخي داستان آهي. ان مان سندس فڪري سوچ جي پختگي ڪي سمجھي سگھجي ٿو. هن ڪي تاريخ ۽ زراعت تي نئيڙي وهيءَ ۾ پنھنجي ماحول مان وڏو مواد مليو جنھن پنھور صاحب ڪي لکڻ لاءِ اتساهيو. ڏٺو وڃي تہ ايم ايڇ پھنور جا سڀ ڪتاب اهميت وارا آهن پر هن جو عميق گھرائي وارو ڪتاب هن جي پنھنجي ئي زندگي آهي جنھن تجربن ۽ مشاهدن جي پوري ڪائنات ڪي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. ان زندگي جي ڪتاب جي جھلڪين جا عڪس هن جي سمورن ڪتابن ۾ پسي سگھجن ٿا. مون سندس ڪتابن جو گھرائي ۽ باريڪ بيني، سان مطالعو ڪيو آهي جن ۾ تحقيق، مشاهدن ۽ تجربن جا اهڙا عنصر نظر اچن ٿا جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙن جي راهہ روشن ڪن ٿا. پنھور صاحب جي ڪم کان هڪ زرعي انجنيئر طور اڳ ئي واقف



هيس پر هن سان منھنجي ذاتي طور 1990ع کان شناسائي ٿي، جڏهن مون واٽر مئنيجمنٽ پراجيڪٽ ميرپورخاص جوائن ڪيو جتي پنھور صاحب جي ”ريڊ“ نالي سان ڪنسلٽنسي فرم اسان جي ڪم جي نگراني ڪندي هئي. ساڻس 2004ع ۾ وڌيڪ نيازمندي تڏهن ٿي جڏهن ميرپور خاص ۾ آءِ اي ڊي او زراعت طور تعينات ٿيس ۽ ڪيس ساليانو مينگو شو جي سيمينار ۾ زرعي ماهر اسپيڪر طور ڪيس مدعو ڪيو. ان ڪانپوءِ ساڻس زراعت ۽ تاريخ جي حوالي سان ڪچهريون ٿينديون رهيون. هو پنھنجي ڪم ۽ سوچ جي حوالي سان تمام وڏو ماڻھو هو جنھن سان نيازمندي منھنجي لاءِ وڏي وٽ ۽ فخر جو باعث رهي.

زرعي سائنسدان ۽ ماهر زرعي انجنيئرطور پنھور صاحب سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ ڪيترائي جديد زرعي ورڪشاپ قائم ڪيا، انهن ۾ ذاتو پگھارڻ لاءِ بنيون، زمين جي ڪيڙي لاءِ لوهارڪي ڪم جون مشينون ۽

زمين جي ڪيڙي ڪان وٺي لاباري تائين جديد زرعي سامان متعارف ڪرايو ان ڪانسواءِ زمين جي سنوت لاءِ بلڊوزن جي فليٽ آندي جنهن ذريعي زمين جي سنوت لاءِ وڏو ڪم ڪيو تي هزار ٽيوب ويل سنڌ ۾ هڪ هزار بلوچستان ۾ لڳرايا.

اهڙي طرح زمين جي تهن هيٺ موجود مٺي پاڻيءَ جي موجودگي بابت تحقيق ڪئي ۽ ان تي ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن ڪتابن ۾ " Ground Water in Hyderabad and Khairpur Division" هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن ۾ هن زير زمين پاڻيءَ جي موجودگي، ان جي معيار ۽ استعمال جي حوالي سان سائنسي جائزو پيش ڪيو ۽ جديد زراعت طرف پيشقدمي لاءِ راهه هموار ڪئي.

هن جو چوڻ ڪيو ۽ هتي مٺي پاڻيءَ جي موجودگي درياهه جي ڪري آهي ۽ درياهه جي پراڻن متجنڊز وهڪرن بابت تحقيق تاريخي ثبوتن ۽ سنڌوءَ درياهه جي سلوڪ جي حوالي سان ڪيو تہ سنڌ ۾ شهرن جو آباد ٿيڻ ۽ ڦٽڻ درياهي وهڪرن جي رخ متائڻ جي ڪري ٿيو نہ ڪي مشهور ڪيل دلوراءِ جي افسانوي قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪري ٿيو آهي. هن ڪيترن هنڌن تي ڊرلنگ ڪرائي ڊيٽا ڪٺي ڪئي، نقشا تيار ڪيا. جتي زمين هيٺيان مٺي پاڻي جي موجودگي ۽ ان جي مقدار جي حوالي سان انگ اکر هئا. سنڌوءَ جي ساڄي پاسي ڪشمور ڪان سيوهڻ ۽ کاٻي پاسي اوباوڙو ڪان مياڻي فاريسٽ، ان ڪان سواءِ درياهه جي پراڻن وهڪرن جي واٽ وٺي جيڪا تحقيق ڪئي آهي. ان ڪان بعد ۾ ميسرز هنٽنگ Messers Hunting Technical Services هڪ ساڳي موضوع تي رپورٽ جاري ڪئي هئي ۽ پنهور صاحب جي ڪم ۽ پاڻي جي نقشن کي Remarkably Accurate سڏيو. جڏهن تہ پنهور صاحب ساڳي هنٽنگ جي رپورٽ ۾ آيل نارا ڪمانڊ ايريا تي ٻہ سال تحقيق ڪري ثابت ڪيو تہ سندس رپورٽ جا ڪجهه رزلٽ صحيح نہ آهن. جيڪي هن 1969ع جي ايڊيشن ۾ بين ڪيترن نوٽس سان گڏ شايع ڪيا ۽ ونڊمل جي حوالي سان نئين تحقيق شامل ڪئي.

ان ڪتاب ۾ هن پهريون ڀيرو هوائن جي پٽي (Wind belt Zon) تي بهتر انداز سان تحقيق ڪئي، هنهوائن جي رفتار تي ونڊ ملز مان پيدا ٿيندڙ هارس پاور جو سائنسي زرعي ماهر طور تفصيلي جائزو ورتو جيڪو زرعي آبپاشيءَ لاءِ هڪ انقلابي قدم هو خاص ڪري انهن علائقن ۾ جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ هئي ۽ زير زمين پاڻيءَ جي موثر استعمال جي پاليسي سازي جو اهم ڊاڪيومنٽ لکيو.

زميني مٺي پاڻيءَ جي حوالي سان هن دادو ضلعي، حيدرآباد ضلعي، خشڪ علائقن، ڪراچي ضلعي، لس ٻيلي ضلعي، ڪوئيٽا ڊويزن، قلات ڊويزن، ڪاڇي وارن علائقن ۾ زير زمين پاڻي ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ پاڻي جي ضرورت تي اهم تحقيقي پبليڪيشنس آنديون. جيڪي اڄ تائين ڪجهه تبديلين سان استعمال ٿين پيون.

پنهور صاحب جو ڪتاب Saline Agriculture and Crops in Sindh لوڻياڻي ڪلراٺي زمين تي انيتاليهن فصلن جي پوک جي حوالي سان تيل تحقيق، سائنسي مشاهدي ۽ مقامي تجربي ۽ نامياتي صلاحن وارين عملي تجويزن تي مشتمل ڪتاب آهي جيڪو سنڌ جي زمين جو اڄ جو وڏو مسئلو آهي. لوڻياٺ/ ڪلر ۽ سم جو آزار ڪافي وقت ڪان لاڙ ۾ ڏنو ويو هو پر هاڻي تہ سنڌ جي اتر ۽ وچين حصي ۾ بہ تباهہ ڪن صورتحال اختيار ڪري چڪو آهي. جيڪو سنڌ جي زراعت جي تباهيءَ جو وڏو سبب آهي. هن ڪتاب ۾ مٺي درياهي پاڻي تي ٻڌراجن نهڻ ڪري ان جو پاڻي سمنڊ تائين نہ پهچڻ ۽ ان ڪري سمنڊ جي چاڙهہ سبب بدين، ٺٽي ۽ سجاول جي ڪيترن ئي ديهن کي سمنڊ پائي وڃڻ جا سبب جاڻايل آهن.

هن ڪتاب ۾ اهڙن گنڀير حالتن ۾ مايوس ٿيڻ بدران ترقي پسند سائنسي سوچ سان مقامي ماحول، موسم ۽ زرعي تجربن سان ڪنهن حد تائين زرعي لاڀ حاصل ڪرڻ جي راهہ ڏيکاريل آهي. هي ڪتاب ڪاراٺ پد جي فني سببن تي بهترين ڊاڪيومنٽ آهي، جڏهن تہ سامونڊي پٽيءَ جي

ماحولياتي تباهي، پاڻيءَ جي غير برابر ورڇ، بااثر پوتارڪي نظام، آبپاشي پاليسين ۽ اپ اسٽريم ۾ پاڻيءَ جي تڪرارن جهڙن سياسي ۽ ادارتي مسئلن ۽ زرعي معيشت تي پوندڙ اثر کي بين اشاعتن ۾ شامل ڪيو آهي. ليڪڪ پنهنجي سائنسي سوچ پٽاندڙ تجربن ۽ مشاهدن جي آڌار تي جيڪي فصل تجويز ڪيا آهن انهن جي ذريعي زرعي سائنسدانن لاءِ تحقيقي راهه کلي ٿي ۽ زرعي پاليسي ٺاهيندڙن ۽ آبادگارن کي موافق زرعي نظام اختيار ڪرڻ لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿي.

سنڌ جي آبپاشي (ريجاڻي تاريخ) جي ڇهه هزار سالن جي تاريخ (Six thousand years of history of Irrigation in Sindh) زرعي ماهر ايم ايڇ پنهور جي تحقيق تي مشتمل اهم ڪتاب آهي. هي ڪتاب سنڌ جي قديمي تهذيب، راڄ گهراڻن جي پيرائتي تاريخ، آبپاشي جي اوسر ۽ اوائلي زرعي وقت کان وٺي اڄ جي جديد دور تائين جو تفصيل سمايل آهي. ڪڙمي ۽ زميندار جي سماجي ۽ طبقاتي بيهڪ، زراعت جي شروعات ۽ درياهن جا وهڪرن، موسمن جي اثر، آباديءَ جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ، آبپاشي جي معيشت ۽ زندگيءَ تي اثرن کي نقشن ۽ تصويرن سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي تڏهن ئي تہ ڪتاب جي شروعات هن تاريخي حقيقت سان ٿئي ٿي:

“تاريخ مان مراد آهي تہ: اها اپت جي تاريخ، اها اپت جي ذريعن جي تاريخ آهي، اپت جي ورهاست جي تاريخ آهي ۽ جيئن تہ اپت جو آڌار ٻنيءَ، پاڻيءَ ۽ آب هوا تي هوندو آهي ۽ اها وايو منڊل جي پڻ اثر هيٺ هوندي آهي. ان ليکي تاريخ اصل ۾ ماضيءَ جي وايو منڊلن جو ليکو چوکو آهي.“

پنهور صاحب ان سڄي ماضيءَ جي وايو منڊل کي پيرائتي نموني سان لکي سنڌ جي تاريخ جو درياهہ ۽ آبپاشي جي تناظر ۾ قديم دور کان ويندي جديد دور تائين جائزو پيش ڪيو آهي. هو ڏيکاري ٿو تہ درياهن جا وهڪرا، واهن جو نظام ۽ زرعي اپت سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ جو اهم محور آهي. پنهور صاحب جو خيال آهي تہ سنڌ جي




سنڌ جي آبپاشي (ريجاڻي تاريخ) جي ڇهه هزار سالن جي تاريخ زرعي ماهر ايم ايڇ پنهور جي تحقيق تي مشتمل اهم ڪتاب آهي. هي ڪتاب سنڌ جي قديمي تهذيب، راڄ گهراڻن جي پيرائتي تاريخ، آبپاشي جي اوسر ۽ اوائلي زرعي وقت کان وٺي اڄ جي جديد دور تائين جو تفصيل سمايل آهي.

خوشحالي هميشہ ماحولياتي توازن ۽ مناسب پاڻيءَ جي انتظام سان وابستہ رهي آهي. هن سنڌ جي تاريخ ۾ پاڻي، زمين ۽ زرعي پيداوار کي هتان جو جياپو ثابت ڪري جديد سائنٽيفڪ تاريخ جي روايت سان هم آهنگ ڪيو آهي. اڄ جڏهن حرصي اکيون سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي لڳل آهن، ان ڪري پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ماحولياتي بحران ڪر کڻي بيٺو آهي، ان وقت پنهور صاحب جو هي ڪتاب تحقيق ۽ زرعي آبپاشيءَ جي ڍانچي کي نئين سر جيارڻ جي بنيادي ماخذ واري حيثيت رکي ٿو. جيڪو اسان لاءِ ۽ جديد زراعت جي شاگردن جي رهنمائي لاءِ بہ آئيڊيل رهندو.

پنهور صاحب 1964ع ۾ ٽنڊو ڄام لڳ هڪ فروٽ فارم جو بنياد رکيو جيڪو اڳتي هلي ايم ايڇ پنهور ريسرچ فروٽ فارم جي نالي مشهور ٿيو جيڪو اڄ سوڏو ڪيترن ئي فروٽن تي تحقيق ڪري پيو. پنهور صاحب سنڌ جي موافق موسم ۾ انهن ميون لاءِ رڪمنڊيشن تي مشتمل ڪتاب (Methods as applied to raising fruits crops) لکيو.

پنهور صاحب جيئن تہ جديد زراعت تي کوجنا ڪندڙ سائنسدان هو تہ هن زرعي انجينئر، آبپاشي ۽ باغباني جي ماهر طور هن ڪتاب ۾ پنهنجي 30 سالن جي عملي تجربن جي نچوڙ کي قلمبند ڪيو آهي. سنڌ ۾ زراعت اڄا روائتي طريقي سان مخصوص فصلن جي واري ڦيري تي ٿئي پئي ۽

انهن ۾ ڪيميڪل، ياڻ، زرعي جراثيم ڪش پيسٽيسائيڊس جي ڀرمار جي استعمال ڪي پيداوار وڌائڻ جو سبب سمجهيو پئي ويو جيڪو حقيقت ۾ زراعت لاءِ هاڃيڪاري جو سبب بڻيو. اهڙي ماحول ۾ ايم ايچ پنهور صاحب هڪ متبادل ماڊل، پائيدار زراعت (Sustainable Agriculture) کي پيش ڪيو جنهن ۾ مقامي ڄاڻ تي مشتمل ماحول دوست زمين جي زرخيزي، وٿاڻ جو ياڻ، پيسٽيسائيڊ بدران نم جي محلول ۽ پاڻي جو فصلن جي گهرج مطابق استعمال ۽ ماحول دوست ۽ گهٽ خرچ تي ٻڌل ماڊل پيش ڪيو. هن ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي ته فارم تي ڪيل تجربن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪاميابين سان گڏوگڏ ناڪامين کي به نروار ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ زرعي فصل کي ملچنگ، مائڪرو نيوٽرينٽ ۽ ڪمپوسٽ جي استعمال تي زور ڏنو ويو آهي جيڪي معاشي طور ننڍن آبادگارن لاءِ فائديمند آهن. ڪتاب ۾ سنڌ جي آب هوا ۽ حالتن مطابق ۽ ڪراپ زون مطابق فصل تجويز ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب ۾ لچي، گهٽ ٿڌ وارن صوفن، آڙو انگورن، ڏاڙهون ۽ ٻين ميويدار فصلن کي موضوع بڻايو ويو آهي.

سنڌ ۾ اهڙي قسم جي تحقيق ۽ عملي تجربي سان ڀرپور هي ڪتاب ماحول دوست، باغ باني ۽ زراعت ۾ گهٽ ايراضي تي پوک مان وڌيڪ پيداوار ۽ وڌيڪ نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين معلومات مهيا ڪري ٿو. هن ڪتاب لکڻ لاءِ پنهور صاحب سان گڏ ان جي ونيءَ فرزانه پنهور جو به اهم ڪردار آهي.

دنيا جي مڃيل محقق ۽ زرعي ماهر محمد حسين پنهور جي زرعي ريسرچ فارم تي ڪيتريون ئي انبن جون جنسون پوکيل آهن. هن ڪيتريون ئي نيون انبن جون جنسون تيار ڪيون آهن. پنهور صاحب جو ڪتاب (Mango Production in Pakistan) سندس هڪ اهم تصنيف آهي.

هي ڪتاب انبن جي پيداوار، خصوصي طور سنڌ ۾ انبن جي پوک، جنسن، باغ باني جي طريقن، آبپاشي، ياڻ، بيمارين ۽ مارڪيٽنگ جي حوالي سان ڏسي سگهجي ٿو ۽ ڪتاب جي اهم خصوصيت اها آهي ته هي باغباني جي علم ۾ تحقيق کي بين الاقوامي ڀيٽ سان گڏ مقامي حالتن سان ڳنڍي ٿو. هن جيڪي به سفارشون ڏنيون آهن ان ۾ في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ، ميوي جي معيار کي بهتر بنائڻ، بيمارين جي روڪٿام، پاڻي جي موثر استعمال، ماحول دوست زرعي طريقن، ضروري غذائي جزن، آرگنڪ دوائن، وٿاڻ جو ياڻ ۽ مائڪرو نيوٽريشن جو استعمال، انبن جي موسم کي ڊگهو ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليون، اسٽوريج، ٽرانسپورٽ ۽ مارڪيٽنگ جي حوالي سان سائنسي انداز ۾ تجويزون شامل آهن. هي ڪتاب پاڪستان ۾ انبن جي سڄي ڪاروهنوار کي بهتر بنائڻ لاءِ زرعي ماهرن سان گڏو گڏ آبادگارن لاءِ به انتهائي مفيد آهي.

پنهور صاحب جو ڪم ٻين کان ان ڪري به منفرد آهي جو هن صرف ڪتابي علم تي اڪتفا نه ڪيو آهي ۽ نه ئي ٻڌ سڌ کي ڳنڍ ڏئي پنهنجي علميت جو رعب تاب قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هن جي ڪم جو بنياد زندگي جي ڪمايل مشاهدن ۽ تجربن تي آڌاريل آهن.

هو ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ آهي، ان کان سواءِ پنهور صاحب سوين ٽيڪنيڪل رپورٽن ۽ تحقيقي مقالن جو مصنف پڻ آهي جيڪي هن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن لاءِ تيار ڪيا هئا.

ايم-ايچ پنهور جي نالي سان قائم ڪيل تحقيقي انسٽيٽيوٽ سندس پونئيرن جو وڏو ڪم آهي. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سرڪاري دفترن جي فائلن ۾ دٻيل انهن سائنٽيفڪ رپورٽن کي به محفوظ ڪري پنهور صاحب جي پڙهندڙن تائين پهچايو وڃي ته جيئن سنڌ جو زرعي رجحان رکندڙ ماڻهو ان مان قيمتي لاڀ حاصل ڪري سگهي

امين جويو

# قلندراڻي لغارين جا قديم تاريخي مقبرا

سنڌ جي ڪاڇي ۾موجود قلندراڻي لغارين جي هنن قديم آثارن ۾ناياب، خوبصورت ۽ رَنگ برنگي چِٽسالي موجود آهي. جيڪا لڳ ڀڳ ٻه ٽي صَديون گذرڻ کان پوءِ به اڃا بهترين صُورت ۾ موجود آهي. ان سان گڏ هنن زبون حال مقبرن ۾ هٿ واٽڪي (سنڌي لِکتون) پڻ موجود آهن. اهڙيون لِکتون مون کي سنڌ ٻين ڪيترن ئي قديم آثارن ۾ به نظر آيون آهن!

هن مضمون اندرسنڌ جي هن قديم، قومي ۽ ثقافتي ورثي بابت ڄاڻ ڏني ويندي ۽ ان کان سواءِ قلندراڻي لغارين جي هنن زبون حال مقبرن جي تاريخ، هاڻوڪي صورتحال ۽ هنن تي اڳ ۾ ٿيل تحقيق بيان ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ جي قديم آثارن واري کاتي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وارن کي درخواست ڪئي ويندي ته پاڻ ۾ گڏيل سهڪار ڪندي هن اهم تاريخي ماڳ کي بچائين، ڇاڪاڻ ته هي رڳو مقبرا ناهن! پر هنن ۾ اندر شاندار پينٽنگ (چِٽسالي) ٿيل آهي، ان سان گڏ هن ۾ قديم هٿ واٽڪي سِنڌي لکتون به موجود آهن. تنهن ڪري هنن مقبرن کي بچائڻ جي اشد ضرورت آهي.

**ماڳ جو هنڌ ۽ ڏس پنڌ**

هي ماڳ ضلعي دادو تعلقي جوهيءَ ۾ بچاءَ بند اندر موجود آهي. مقامي ماڻهو هن کي ”قلندراڻي لغارين جا قُبا“ سڏيندا آهن. هي مقبرا جوهيءَ کان لڳ ڀڳ ڏهاڪو کن ڪلوميٽر ايرندي پاسي موجود آهن. هتي پهچڻ لاءِ جوهي شهر منجهان مقامي ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ آسانيءَ سان پهچي سگهجي ٿو. هي ماڳ ديهه قريشي ۾ ”ڳوٺ قريشي“ نالي سان پڻ سڏجي ٿو.

**اڳ ٿيل تحقيق**

هن ماڳ بابت اڳ ۾ ڇپيل مواد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب ڦلهوريندي مون کي هن ماڳ بابت ٻه عدد حوالا مليا آهن، جيڪي هتي جيئن جو تيئن پيش ڪجن ٿا. قلندراڻي لغارين جي هن ماڳ بابت مون کي پهريون حوالو سائين عزيز ڪنگراڻي جي ڪتاب ”ڪاڇو هڪ اڀياس“ منجهان مليو آهي، جنهن ۾ ڪنگراڻي صاحب لکن لکي ٿو ته ڪاڇي جي سهراب خان لغاري (جنهن جي پيڙهيءَ ۾ گل محمد خان لغاري هو) جي ٽين پيڙهيءَ ۾ قلندر خان لغاري پيدا ٿيو. قلندر خان لغاري جي پيڙهيءَ ۾ وري حاجي خان لغاري پيدا ٿيو جنهن تي پڳداري آئي ۽ هن وقت تائين سندس پونئيرن تي پڳداريءَ جو سلسلو هلندو اچي.



قلندر خان لغاري خانداني طور ميان وال تحريڪ ۽ ڪلهوڙن جو خيرخواهه ۽ عقيدتمند هو. ڪيس جوهي تعلقي ۾ هاڻوڪي ديهه (قلندر قُبو) وٽ جاگير مليل هئي، جيڪا اڃا تائين سندس پونئيرن جي حوالي آهي. قلندر خان لغاري لڳ ڀڳ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ فوت ٿيو. ڪيس ديهه قبو قلندر ۾ دفن ڪيو ويو، جنهن کي پوءِ سندس نالي جي نسبت سان (ديهه قبو قلندر) سڏيو ويو. (ڪنگراڻي، 2009ع)

اڳتي هلي ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر 137 تي سائين عزيز ڪنگراڻي صاحب لکيو آهي ته قلندر خان لغاري، حاجي خان لغاريءَ جو ڏاڏو هو جنهن ڳوٺ (حاجي خان لغاري) ٻڌو. قلندر خان جي رهائش شايد جوهي تعلقي جي هاڻوڪي ديهه (قُبو قلندر) واري علائقي ۾ هئي. هتي قلندر خان لغاري ۽ ٻين قلندراڻي لغارين جا مقبرا موجود آهن. نهايت سهڻي نموني جوڙايل هي مقبرا اڄ به ڪاڇي واري علائقي ۾ قائم آهن. (ڪنگراڻي، 2009ع)

ان کان سواءِ هن قديم تاريخي ماڳ بابت ٻيو حوالو مون کي ڊاڪٽر ذوالفقار ڪلهوڙي جي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب ؛ (The Kalhora Period of Sindh) منجهان مليو آهي، جنهن ۾ ڪلهوڙو صاحب لکي ٿو ته:

”قلندراڻي لغاري پنهنجي نسب جو سلسلو قلندر خان لغاري ڏانهن هجڻ جي دعوي ڪندا آهن. جيڪو ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو هڪ جنرل ۽ پوئلڳ هو ۽ گهڻو ڪري سندس وفات ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ ٿي. قلندراڻي لغارين جا هي مقبرا جوهيءَ کان ڏهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ديهه ”قبو قلندر“ ۾ موجود آهن. “

هنن منجهان چئن مقبرن اندر گُلڪاري ٿيل آهي ۽ انهن ۾ تصويرون چِٽيل آهن. انهن مقبرن منجهان ٻه يا ٽي مقبرا ڪلهوڙن جي حڪومتي دور 1783_1700ع جا ٿيل آهن، جڏهن ته باقي ٻيا مقبرا ٽالپرن جي دور ”1843_1783“ ۾ ٺهرايا ويا.)

**قلندراڻي لغارين جي مقبرن جي هاڻوڪي صورتحال**

جوهيءَ ڏانهن بچاءَ بند سان اينڊي ويندي ڪيترائي ڀيرا پري کان قلندراڻي لغارين جي زبون حال مقبرن جو درشن ٿيندو هو پر ويجهو وڃي انهن جو گهرائيءَ سان مشاهدو ڪرڻ جو اتفاق ڪڏهن به ڪو نه ٿيو هو.

هڪ ڀيري (مُريداڻي جمالين جي مقبرن) واري سائيٽ تان واپس موٽندي پنهنجي ياڃ قمرالدين جوٻيي سان گڏ قلندراڻي لغارين جي زبون حال مقبرن ڏي لڙي ويس ۽ هر هڪ مقبري جو چڱي طرح مشاهدو ڪيم. مقامي ماڻهن سان ڪچهري ڪيم ۽ ڇهن ئي مقبرن جون ماپون ورتم ۽ وڊيو ڊاڪيومينٽري پڻ ٺاهيم جنهن جو سربستو احوال هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**مشاهداتي دوري جو احوال**

ارڙهين مئي 2023ع تي پنهنجي ياڃ قمرالدين جوٻيي کي ساڻ ڪري سندس موٽر سائيڪل تي ٻهريان ڳوٺ هيرو خان لغاري، پوءِ ڳوٺ حاجي خان لغاري، اتان ڪان وري جوهي شهر پهتس. جيئن ته اونهاري جي مُند هئي ۽ گرمي پنهنجي اوجَ تي هئي تنهن ڪري ڪجهه دير هڪ ڊاٻي تي ساهي پٽي سين ۽ پوءِ اتان ئي ماڻهن کان پُڇا ڳاڇا ڪري، بچاءَ بند ورتوسين ۽ اُپرندي پاسي لڳ ڀڳ ڏهاڪو کن ڪلوميٽر سفر ڪرڻ کان پوءِ بند تان ئي پري کان ڪچي واري پاسي (قلندراڻي قُبن) جي جهلڪ نظر آئي تنهن ڪري آئون ان پاسي ائين لڙي پيس.

زبون حال مقبرن ڏانهن وڃڻ ۽ انهن جا تفصيل نوٽ ڪرڻ کان اڳ ۾، انهن مقبرن پرسان موجود هڪ دڪان اڳيان وٽن جي چانو ۾ويٺل ڪجهه ماڻهن ڏانهن ويس ۽ انهن کان قلندراڻي قُبن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ته هنن ٻڌايو ته ”هنن مقبرن ۾ قلندر خان لغاري، ڳاجي خان لغاري ۽ عالم خان لغاري وارا مدفون آهن.“

ڳوٺاڻن کان اهو احوال وٺڻ دوران سندن اهي ڳالهيون موبائيل ذريعي رڪارڊ ڪيم ۽ هن ڳوٺ جو سرسري جائزو ورتم ته خبر پيئي ته هتي نه ڪا اسپتال آهي، نه اسڪول، نه ڪو روڊ رستو ۽ نه وري زندگيءَ جو ٻيون ضروري شيون موجود هيون ! بس رڳو ماڻهن جي ڪسمپرسي واري حالت ۽ ڪچا پڪا گهر ٺهيل هئا جن کي لوڙها ڏنل هئا. وڌيڪ پڇڻ تي خبر پئي ته ؛ هتان جي ماڻهن جو گذر سفر ٻني ٻاري ۽ چوپائي مال تي آهي.

بهرحال اهي سڀ ڳالهيون نوٽ بڪ ۾ لکڻ کان پوءِ آئون مقبرن واري پاسي وڌي ويس ۽ سڀني مقبرن جي وڊيو ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ کان پوءِ، قمرالدين جي مدد سان هنن زبون حال، قديم ۽ ناياب چِٽسالي ٿيل مقبرن جون ماپون ورتم جيڪي هن ريت آهن:

1. هتي ٽي عدد مقبرا هڪ قطار ۾ ٺهيل آهن ۽ ٽي عدد مقبرا انهيءَ قطار کان الڳ ٿلڳ موجود آهن.

قطار ۾ ٺهيل ٻهرئين مقبري اندر ٻه عدد قبرون آهن ۽ هن جي ماپ 19x19 فوٽ هم چورس آهي. جڏهن ته هن جي اوچائي ويهن کان پنجويهه فوٽ کن ٿي ويندي. هي مقبرو ٻاهران ته زبون حالت ۾ آهي، ڪاراٺيل آهي ۽ پاڙن کي سيڪ وٺي ويو آهي پر اندران هن ۾ شاندار فريسڪو چِٽسالي ٿيل آهي، جنهن ۾ مختلف گُل ٻوٽا، وَليون،

ميوات، جانورن، ماڻهن ۽ پکين کي چٽيو ويو آهي.

2. هن قطار ۾ موجود ٻيو مقبرو، پهرئين کان ڪجهه ننڍو آهي، پر هن ۾ اندر ٻه عدد تصويرون آهن ۽ پهرئين مقبري وانگر هن ۾ اندر ٻه شاندار قسم جي چٽسالي ٿيل آهي. هن مقبري کي ٻه چٽني پاسي سيڪُ ورائي ويو آهي. ٻاهران ڪاراٿيل آهي ۽ پٿين منجهان ڪجهه سِرون پڻ نڪتل اٿس. مقبري جي اوچائي 18x18 هم چورس آهي، جڏهن ته اوچائيءَ ۾ ويهن کان پنجويهن فوٽن تائين ٿي ويندو.

3. ٽن مقبرن جي هن قطار ۾ ٻيئل ٽيون ۽ آخري مقبرو ماپ ۾ سيني کان وڏيڪ آهي ۽ اوچائيءَ ۾ ٻه سيني کان وڏو آهي. هن مقبري ۾ هڪ هاٿيءَ جي خوبصورت چِٽسالي ٿيل آهي جنهن تي هڪ سپهه سالار، بادشاهه يا شهزادو ويٺل آهي ۽ پيادا سپاهي هاٿيءَ جي اڳيان پنيان چوڪس نموني سان هلندي ڏيکاريل آهن. ڳٽتي جوڳي ڳالهه اها نوٽ ڪيم جو هن جي گُنبذ ۾ برساتن سبب ٻه عدد سوراخ ٿي چڪا آهن! ان کان سواءِ مقبري جون پٿيون پڻ زبون حال ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن هن جي ترت مرمت نه ٿي ته ڪنهن مهل ٻه ڊهي سگهي ٿو. هن شاهي مقبري جي ماپ 20x20 هم چورس آهي، جڏهن ته ان جي اوچائي پنجويهن کان ٽيهه فوٽن تائين ٿي ويندي.

4. چوٿون مقبرو، ٽن مقبرن جي قطار کان ٿورو وِٿيرڪو آهي. هن جي ماپ 17x17 هم چورس آهي ۽ اوچائيءَ ۾ ويهن کان پنجويهن فوٽن تائين ٿي ويندو. هن ۾ اندر زبردست قسم جي چِٽسالي ٿيل آهي پر هي مقبرو سيني کان وڏيڪ زبون حال آهي، جيڪڏهن هن جي ٿُرت مالڪي نه ٿي ته ڪيڏي مهل ٻه ڊهي سگهي ٿو.

5. پنجين مقبري ۾ ٽي عدد قبرون آهن ۽ هن جي ماپ 16x16 فوٽ هم چورس آهي، اوچائيءَ ۾ هي ٻه لڳ ڀڳ اتي موجود ٻين مقبرن جيترو ئي آهي. هن مقبري اندر مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته ان کي اندران توڙي ٻاهران سيڪُ ورائي ويو آهي، تنهن ڪري هن ۾ اندر ٿيل فريسڪو پينٽنگ تيزيءَ سان ڇڏي رهي آهي! چِٽسالي ٿيل هڪ چاپڙُ ته منهنجي سامهون ئي اچي هيٺ ڪِريو جنهن جو مون کي تمام گهڻو افسوس ٿيو. بهرحال هن مقبري کي ٻه مرمت جي سخت ضرورت آهي.

6. ڇهون ۽ آخري مقبرو هتي موجود مقبرن ۾ سيني کان ننڍو آهي ۽ هن جي ماپ 15x15 هم چورس آهي ۽ اوچائيءَ ۾ ويهن کان ٽيويهن فوٽن تائين ٿي ويندو.

**نتيجو ۽ سنڌ جي قديم آثارن واري کاتي لاءِ چند صلاحون:**

1. سنڌ جي قديم آثارن واري کاتي کي گهرجي ته قلندراڻي لغارين جي قديم تاريخي مقبرن کي بچائڻ سان گڏ سنڌ ۾ موجود ٻين قديم تاريخي اڏاوتن جي مرمت ۽ بحالي جو ڪم ٻه عالمي معيارن ۽ جديد تقاضائن موجب ڪرائي. ڇو ته انهن ۾ اندر سنڌ جي ڪلاڪارن جي اُٽت ٿيل آهي جيڪا هاڻ ناياب ٿي چڪي آهي.

2. جيڪڏهن قلندراڻي لغارين جي مقبرن جي ٿُرت مَرمت يا بَحاليءَ جو ڪم نه ٿيو ته اهي، برساتن، سيڪَ، ٻوڏ يا وري ڪنهن ٻه ٻئي سبب جي ڪري جلد ئي ڊهي پوندا!

3. قلندراڻي لغارين جي هنن قديم تاريخي مقبرن کي سولائيءَ سان ۽ ٿوري خرچ سان بحال ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته هتي پاڻي ويجهو ۽ ججهي مقدار ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ مقامي ماڻهن مان ڪنهن ذميوار ماڻهوءَ کي ٻه (مقبرن جي مرمت ۽ بحاليءَ کان پوءِ سارسنڀال لاءِ مقرر ڪيو وڃي.

4. جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ سنڌ جي قديم آثارن وارو کاتو پاڻ ۾ ملي انهن مقبرن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ته اهو ڪم آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو.

**حوالا**


1. ڪنگراڻي، عزيز (2009ع)، ”ڪاڇو هڪ اڀياس“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو صفحو 88، 137.

2. ڪلهوڙو ذوالفقار (2024ع)، " The Kalhora Period of Sindh", "N. A. Baloch institute of Heritage and Research" _ ص_99.



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ملير۾ عيد ميلاد النبي (صلي الله عليہ و آلِہ وسلم) جي جلوس ۾ شرڪت ڪئي.
ان موقعي تي دارالعلوم مجدديہ نعيميہ جو مفتي محمد جان نعيمي، سنڌ ڪابينا ميمبر سعيد غني، ضياءُ الحسن لنجار،
ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.




سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ جي موجودگيءَ ۾ اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ، سنگاپور انٽرنيشنل
ماسٽري ڪونٽيسٽس سينٽر ۽ انٽرنيشنل ڪونٽيسٽس اينڊ اسيسمنٽس جا نمائندا مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪري
رهيا آهن.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

SEPTEMBER-2026



# سنڌ جي وحدت بابت صوبائي اسيمبليءَ جي تاريخي قرارداد

”هيءُ ايوان اهڙي ڪنهن بہ تجويز، منصوبي، اسڪيم يا آئيني بندوبست کي ڪنهن بہ نالي يا وضاحت مڪمل طور تي رد ڪري ٿو، جيڪا سنڌ کي ورهائڻ، ان جي موجوده علائقائي حدن کي تبديل ڪرڻ يا ان جي علائقي مان ڪو نئون صوبو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري. ساڳي طرح اسيمبلي اهڙي ڪنهن منصوبي کي بہ رد ڪيو جنهن جو مقصد، سنڌ مان ڪنهن ضلعي، ڊويزن يا علائقي کي ڌار ڪرڻ يا سنڌ جي ڪنهن حصي کي الڳ يا وفاقي انتظامي بندوبست هيٺ آڻڻ هجي. ايوان اهو پڻ واضح اعلان ڪري ٿو تہ سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ۽ سنڌ ۾ موجوده وقت شامل هر ضلعو، ڊويزن ۽ علائقو صوبي جو اڻ ٽٽ ۽ لازمي حصو آهي. ايوان ٻيهر تصديق ڪئي تہ اهو سنڌ جي علائقائي حدن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديليءَ جي اجازت نٿو ڏئي ۽ نہ ڏيندو ۽ آئين جي آرٽيڪل 239 (4) تحت پنهنجو آئيني اختيار استعمال ڪندي صوبي جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي حفاظت ڪندو. گڏوگڏ اهو بہ چيو ويو تہ سمورن وفاقي اڪائين جي آئيني حقن ۽ سالميت جو احترام ڪيو وڃي ۽ وفاق جي ٻيهر جوڙجڪ متعلق ڪا بہ بحث و مباحثو صرف آئين جمهوري رضامندي ۽ لاڳاپيل عوام جي مرضيءَ جي دائري اندر رهي هجڻ گهرجي.“

(تفصيلي مضمون اندر پڙهندا)

Information Department
Government of Sindh